


प्रभात जे पर्देमे
پرڀات جي پردي ۾
واسواڻي



پرڀات جي پردي ۾!

اَتم پياس پريتم! رهان تنهنجي پاس
ديا دوار تنهنجي جو، رهان تِي تہ داس
تنهنجي رُوبرُوُ!
تنهنجي رُوبرُوُ!
منهنجا ڏوهہ ڏنگايون، ڪر سڀ تون معاف،
پنهنجي سيتل گنگا جل سان ڪرين دلڙِي صاف!
پهل ۾ پنهنجي مهر جي، پيئا! روز پيئارين:
رحم ۾ اَءِ راڻا! جنم جنمَ مون وهارين،
پنهنجي رُوبرُوُ!
پنهنجي رُوبرُوُ!

١٠ رپيا

واسواڻِي

وشيہ سوُچيِ

اَرپن

گرُوُ نانڪ ديو

جي ڪمل قدمن ۾!

واسواڻي

جنوري

جنوري ۱ **نئون سال**

نئون سال آيو، اَچِي شل نهارين:
رحم جي اَکين سين، مهر ۾ وهارين!
نئين جوت تون اوت، منهنجين اَکين ۾:
نئين سک سچ لئہ، منهنجن پکن ۾!
نئون ڏي صدق تون ۽ نئين شيام ڀڳتِي،
نئون جوش جيون ۽ نئين شيوا شکتِي!
نئون کر، ڏي تون نرمل زندگِي،
نوان پران، نؤ دان، نؤ ڏيان، بندگِي!
نئين پريت ڏي تون، غريبن بکين لاءِ،
نئون درد دل ۾ ڏي تون دکين لاءِ!
نؤرِي نماڻِي کر تُرت تياري،
سنتَن جي دَر جِي ملي ڌُوڙ پياري!

جنوري ۲ **سچو سينگار**

جيون جو سچو سينگار اَٿيئِي هن ۾: اُچار!
ور ور اُچار:- 'تون صاحب نرنکار!
تون مالڪ منو، مون کي نهار!
اِڪ وار!
اِڪ وار!'

پرستاونا

پريات ۾ هڪ عجيب اِسرار آهه! پريات جي پردي ۾ ڪيڏي نہ سونهن، ڪيڏي نہ سڳند، ڪيڏي نہ شڪتي آهي! آتم شڪتي ڪولڻ جي هڪ سادنا آهي تہ پريات جو اُتي پريوءَ جي پوڄا ڪجي، سنت باڻيءَ جو پاٺ ڪجي ۽ ڪونہ ڪو سوتر ڪڍي سڄو ڏينهن اُن جو ڌيان ڪجي.

هن پستڪ ۾ ڪي ويچار آهن جي وقت بہ وقت سانت ۾ مون کي آيا آهن. اُهي ويچار مون ساليانی ڪئلينڊر جي روپ ۾ ڏنا آهن. سال ۾ ۱۲ مهنا آهن: ۽ هڪ هڪ مهني جي هڪ هڪ ڏينهن لاءِ جدا جدا ويچار ڏنل آهن.

'ويچار' آهي هڪ شڪتي: ۽ اِنسان جهڙو ڌيان ڪري ٿو، تهڙو ٿي پوي ٿو. شل هن ننڍڙي پستڪ ۾ جي ويچار آهن، تن تي اَهڙي پريوءَ جي آسيس ٿئي جو ڪيترين دلين کي پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ چڪين!

پونا:

واسواڻي

جنوري ٦ چمڪندڙ موتي

سچ اَتيئي موتي، چمڪندڙ موتي، نرمل، پوتر موتي، سونهن وارو موتي: جي ڏسين ڪسيءَ ۾ تہ اُن ڪسيءَ ۾ هٿ وجهي وجي موتي ڪڍ. جي ڏسين تہ موتي آهي گپ ۾، تہ گپ جو خيال نہ ڪر: اُن گپ مان موتي ڪڍي قبول ڪر! جيڪڏهن ڪو ٻار هجي، ڪو ننڍيءَ عمر وارو ۽ 'سچ' چوي تہ اُن ٻار اڳيان بہ سِر جهڪاءِ! سچ قبول ڪر! جتان بہ سچ توکي ملي، اُن کي قبول ڪر!

جنوري ٧ درٻار

درٻار تنهنجي بيٺو آهيان: پيو ڏسان مان
عجب تنهنجو اِسرار!
تنهنجي چانئڻ چُمان ٿو: نِمان ٿو:
گهران ٿو اِڪ تنهنجو پيار!

جنوري ٨ پريوءَ جو راڄ

اِڪ ستسنگ ۾ ويٺا آهن ۽ ستسنگ ۾ هڪ ڏينهن هيءَ هڪ وشيہ اُٿي ٿي:- 'پريوءَ جو راڄ ڪٿي آهي؟' ويٺا پاڻ ۾ گفتگو ڪن. ستسنگ ۾ اِڪ ننڍو ٻالڪ بہ آهي، سو ستسنگ جي بزرگ کي چوي ٿو:- 'سائين! مان چوان؟'

ستسنگ جو بزرگ مشڪي ٿو ۽ دل ۾ چوي ٿو:- 'هيءُ ٻالڪ: هنکي ڪهڙي خبر تہ پريوءَ جو راڄ ڪٿي آهي؟' بزرگ کي خبر ڪانہ هئي تہ سچي خبر تہ آهي ٻالڪن

جنوري ٣ نام ۾

چڏيو سڀ خيال،
ٿيو نام ۾ نهال!

جنوري ٤ جيون جو ڪتاب

تو گهڻا ڪتاب پڙهيا آهن. پر هڪ ڪتاب اَٿيئي، هڪ وڏو ڪتاب، اُن ۾ ڇا نہ لکيل آهي! پنهنجي جيون جو ڪتاب پڙه! ۽ وڏو سبق هِي سِکہ تہ جڏهن تون اَڪيلو آهين، تڏهن ڪِري تو پوين! شرڻ وڻ تہ اُتي سگهين ۽ اڳتي قدم کڻين!

جنوري ٥ پارس

هيءَ جيون اَٿيئي لوه: سخت، ڀُوري جئن لوه!
اُنجو ڪارڻ ڪهڙو؟ هڪ ئي ڪارڻ اَٿيئي: 'موه!'
ڪر سنگہ پارس جو تہ 'لوه' ٿئي 'سون'!
سانت سِکہ: اوت جيون ۾ سونهن سچي: سِکہ 'موُن'!
'پارس' اَٿيئي ڪين پري:
'پارس' تہ تنهنجي پاس!
'پارس' اَٿيئي 'ٻاڻي': سنتن جِي ٻاڻي:
روز سا پڙه! اُن ۾ آهہ آس!
پڙه سنتن جِي ٻاڻي: دل جو ڪتاب کول!
کول! کول! پيارا! کول! گر ٻاڻي ٻول ٻول!

محل آهي. تون منهنجي محل ۾ هلي رهه ۽ اُت ويهي
مورتون چٽ!'

هي ماڻهو لڪاپتيءَ سان وڃي ٿو. محل ۾ عيش عشرت،
کاڌا پيتا. هڪ سال گذري ٿو: ٻيو سال به گذري ٿو. هڪ
ڏينهن هي ماڻهو سانت ۾ وينو آهي ۽ پاڻکي چوي ٿو ته
'هي ڇا آهي؟ منهنجون مورتون ته هيتئر سندر ڪين آهن:
ڇو؟ سبب ڪهڙو؟ مان اُن اُتساهه سان مورتون نه ٿو چٽيان.
مونکي ٿيو ڇا آهه. شايد پريو منهنجي اِها بخشيش کسڻ
تو چاهي!' اُن وقت هنکي آواز اَچي ٿو:- 'سچو سُک اَتيئي
نه يوڳه ۾، پر نِج ڌام ۾!'

ٻئي ڏينهن هي ماڻهو لڪاپتيءَ کي ملي ٿو: اُن کان
موڪلائي ٿو. پوءِ اَچي هڪ ڳوٺ ۾ رهي ٿو: اُت وري سنٽن
جون سندر تصويرون چٽي ٿو. سچو سُک ته آهه نِج ڌام ۾!

جنوري ۱۱ آبشار

اِڪ ڏينهن پري پري پنڌ ڪرڻ وڃان ٿو: رستي تي
ڇا ٿو ڏسان؟ اِڪ آبشار (Water fall)آهي. پهاڙن تان پاڻي
سنت پيو ڪِري. اُن جي نزديڪ هڪ ورڪه آهي. اِن وڻ جي
هڪ شاخ تي وينو آهي هڪ پکي. پاڻي پيو ڪِري: ۽ چوگرد
اَڌار سانت آهي! اِن سانت ۾ اِهو پکيئڙو وينو عجيب
گيت نه ڳائي! ڪئن نه هن پکيئڙي جو ڳائڻ مَنهنجي دل اَندر
گهڙي ويو ۽ مون پاڻ کي سکيا ڏني، پنهنجي من کي
سمجهايو:- 'هي مورکه من! اَهڙِي سانت ۾ تون به پنهنجي

ڪي، ٻالڪين ڪي. اَسين وڏا، آهيون جڏا: اَسان ڪي خبر ڪانهي. پر ننڍن ٻالڪن، ننڍين ٻالڪين ڪي خبر آهي.

وري ٻالڪ پڇي ٿو: - ’سائين! مان ڇوان؟‘

تڏهن بزرگ مشڪي ٿو ۽ چويس ٿو: - ’پل تون ڇڻ.‘

اُن وقت هيءُ ننڍڙو ٻالڪ ڇا ٿو ڪري؟ پنهنجو هٿ ڊگهيري ٿو ۽ پوءِ اُن هٿ کي آڏي ٿو دل وٽ ۽ اُتي هٿ رکي چوي ٿو: - ’سائين! پريوءَ جو راڄ آهي هتي.‘ تنهنڪري پيارا! پنهنجي دل صاف ڪر ۽ دل جي مندر ۾ وڃي ويهه، - پيار ۾!‘

جنوري ۹
دڪ ۾ ديا

دڪ ڇا آهه؟ ڇهبوڪ: ۽ ديالو پنهنجي ديا ۾ ڇهبوڪ هڻي ٿو. اِهو ڇهبوڪ چوي ٿو ته ’گهڻو وقت اَجا رهندين غفلت ۾؟‘ ڪيترن موقعن تي دڪ اَسانکي سجاڳ ڪري ٿو!

جنوري ۱۰
نقاش

هڪ نقاش سندر تصويرون چٽيندو هو. ننڍي هوندي غريب هو، پر کيس اِها بخشيش مليل هئي: عجيب مورتون ويهي چٽيندو هو. اِڪ ڏينهن هڪ لکاپتي سندس ننڍي نگر ۾ اَچيتو ۽ پڇي ٿو ته ’هي ماڻهو ڪير آهي، جو ڏيان سان وينو مورتون چٽي؟‘ لکاپتيءَ کي خبر پوي ٿي ته ’هيءُ ويچارو غريبڙو آهي.‘

کيس چوي ٿو ته ’تون مونسان هل: مونکي هڪ سندر

جنهن موتيءَ ۾ چمڪي، پيئي چمڪي،
سونهن ۾ نياريِ نرمل جوتيِ!

جنوريِ ١٥ اَڪر اِڪ الف جو

اَڪر اِڪ 'اَلف' جو، مون ڪي عشق
اَچيِ تہ پاڙهيو آهہ،
مرشد جي ئيِ مڪتب ۾، مون ويهيِ
ويهيِ نهاريو آهہ!

جنوري ١٦ اَدرشت دنيا

تنهَنجي اَندر آتما آهي جو نتو پتڪي. اِن آتما جو ناتو سنهڙي ڏاڍي سان، روحانيِ دنيا سان آهي. تنهنجو آتما هميشه اُن اَدرشت دنيا سان ڳنڍيل آهي. ڪوئيِ ڪونہ توکي منجهائي سگهي، ڪوئيِ ڪونہ توکي ڪيرائي سگهي! سمجهہ، سوچ، منا!

جنوريِ ١٧ وحدت جو وهانءُ

وحدت جو جن وهانءُ ڪيو،
ڪنڌ ڪلهن تانَ تن ڪپيو!
ڪين رهيا سي تہ جدا،
قرب ۾ سي تہ ڪُنل سدا!
وحدت جيِ جن ڪئي شادي،
پاڻ ڪپي پاتائون آزاديِ!

جِيون جي هڪ تاريءَ تي ويهي گيت ڳاءِ، نام ڳاءِ.‘

جنوري ١٢ آتما جي پُ

آتم جي ڏاڍي ۾ بَدل آهي آسمان ۽ پرتوي، هوا، م
۽ پراڻ! متان آتم کي وسارين! هي ڏنڏا وهنوار کهڙ
ڪم جا، آتم وديا بنا؟ آتم جي تلاش ڪر! بڪواد ڇڏ! آت
جي پرواز پاءِ! آتم اَتيئَي پُل، جنهن تي چڙهي هن سا
مان پار لنگهي اَمراپُريءَ، جوت ڪنڊ ۾ آءُ، ڀائي! آئو! آ
مت پياسي جائو!

جنوري ١٣ سُک

’سُکِي جي اوهين تيڻ تا چاهيو،
تہ اَندر وچِي آتم کي ڏيايو!
اَندر وچِي کوليو آتم جو اِسرار،
اَندر اَتو پياري آتم جو ديدار!
ٻاهرمکِي تي پيا ڀٽکو تہ ڏِن رات،
اَنترمکِي تي سُٺو سچ جي بات!
اَندر جائو پياري، اَندر جائو:
سچو سُکہ آ! نُوري اَندر تہ پايو!‘

جنوري ١٤ اِڪ مو

وچِي مِل تون موهن کي پيارا!
وچِي گهر اُن کان اِڪ مو

اَسين جيڪر ڪروڙ ۾ پرجِي وڃون. هيءُ پريوءَ جو پيارو گرو اَمرداس هو نماڻو، تنهنڪري منهنجي دل جو راڻو! گروجن جي پٽ ڪي گرو اَمرداس چوي ٿو:- 'سائين! ڏاڙهي ڊگهي رکِي اَتم تہ توهانجي چرنن جي مٽي صاف ڪريان.' عجيب نئڙت!

جنوري ٢٠

آتم جي راه ۾

آتم جي راه ۾ ڪي ويدن جو اَبياس ڪري اَچن ٿا، ڪي يگيہ ڪري اَچن ٿا، ڪي تپسيا جو ساڌن ڪري اچن ٿا؛ پر جنهن جنهن طرح اَچن ٿا، سڀ سيا ڳا! ۽ جي آتم جي راهہ ۾ هلن ٿا، سي بڪواد ڇڏين ٿا، گوڙ شور ڪان پري رهن ٿا: ۽ جڏهن آتم ڪي پروڙين ٿا، تڏهن گهڻو وقت تہ سانت ۾ ئِي نواس ڪن ٿا.

جنوري ٢١

اَءِ تيرٿواسِي!

دنيَا جي سنگہ ۾ هڪ هڪ اَچي ٿو: ۽ هڪ هڪ کي ڪونہ ڪوڪم ڪرڻو آهي، پنهنجو فرض پالڻو آهي ضرور. پر سنسار جي سنگہ ۾ رهِي بہ سنساري نہ ٿيءُ! سنگہ ۾ اَسنگہ ڪماءِ! موه نہ رکہ! روحاني طاقتَ ڪول. سرير ياترا ۾، اَءِ تيرٿواسِي! دنيا سان نينهن نہ اَڙاءِ!

جنوري ١٨ آءُ تون، هنسا!

پڙهڻ جي حد ڪونهي، لکڻ جو اَنت ڪونهي. روحاني تلاش ۾ فقط اِڪ مکيه ڳالهه اَٿو:- پياس، ستگر لئه پياس! پنهنجي باجهه ٻيڙي ستگر جهلي بينو آهي اَوهان مان هڪ هڪ واسطي..اِها ٻيڙي اَٿو هن درياه ۾، ڀَوساگر ۾. اَوهان مان هڪ هڪ آهي هَنس. ٻيڙيءَ ۾ ستگر هڪ هڪ کي وينو نهاري، پيو پڪاري:- 'اَءِ هنس پکي! پکيئَڙا پرديس جا! آءُ تون! آءُ تہ توکي چاڙهيان، باجهه ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيان! اُن ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي توکي پار لنگهايان، نج گهر پهچايان!'

جنوري ١٩ اَمرداس نماڻو

گرو اَنگد ديو جن جو اِڪ پُتر اَچي تو اُن آستان تي، جت گرو اَمرداس جن گديءَ تي وينا آهن. گرو اَنگد ديو جن جي پٽ کي خيال آيو تہ مان گرو اَنگد ديو جو پٽ آهيان. گرو اَمرداس نماڻو اَچي ملي تو گروجن جي پٽ کي ۽ کيڏي نہ عزت ڏيکاري تو! گرو اَمرداس جن جي ڍگهي ڏاڙهي هئي ۽ سفيد هئي. گروجن جو پٽ چوي تو:- 'هيڏي ڍگهي لنبي ڏاڙهي چو رکائي اَٿو؟' هن جي اَندر ويچار تہ هيءُ کير، جو گديءَ تي وينو آهي؟ هيءُ اَسانجي گهر جو نوڪر هو. هينئر کيس کيڏي نہ عزت تي ملي! سو چوي تو:- 'هيڏي لنبي ڏاڙهي چو رکائي اَٿو؟'

ڪانپوءِ ياڳنيه ولڪ جڳياسوءَ کي چوي ٿو:- ’ڌرم اَٿيئي سچ. ’ستيات ناستي پرو ڌرم‘: سچ کان مٿي ٻيو ڌرم ڪونهي.‘

جنوري ٢٤ حق حقيقي

پسڻ چاهين تہ وڃ تون سانت،
وڃين اور اَحوال منجهہ ايڪانت!
سانت وڃي حق حقيقي جاڻ،
جڏهن هُل هُلاچو سچ پڇاڻ!

جنوري ٢٥ ڀڳل پارت جا بابا!

ڀڳَل پارت جا بابا تون، نوُراني نوُر نانڪ شاه!
نماڻو نينهن نيارو تون، نيتا! اَسانجو روحاني راه!
تنهنجي چرنن نمان هميشهہ!
تنهنجي چانئنڻ چُمان هميشهہ!

جنوري ٢٦ سچي آزادي

سنتن، رشين جو پيغام آهي تہ ’ڪوُڙي آزادي ڇڏيو.‘ من کي ڪيي حرڪت، من کي ڪيي يوڳہ، من کي ڪيي پاپ، من کي ڪيي چنچلتا. اِن من کي ڦٽو ڪر گروءَ جي ڪمل چرنن ۾. من کي وڪڻ گروءَ جي چرنن ۾. سچي آزادي اَٿيئي ايڪاگرتا

جنوري ٢٢ مئن ني ديکا

عجب رنگہ تيرا: عجب محل! سونهن وارا!
مئن ني ديکا! ديکا! عجب تيرا اِسرارا!
محل تنهنجي ۾ چمکن دريون! اِک اِک دري
۾ شاه سلطان! چمکي سونهن تنهنجي، وري وري!
تنهنجي سونهن نياري، نينهن واري،
کري کئن حيران:
سڄ چنڊ آسمان ۽ تارا، تيڄ ۾ نيارا!
کئن پيا نهارين! مشکن پيا! تم تم ۾ اَچي آ!
سندن سهڻي ڏارا!
دريءَ دريءَ مان پيئي نهاري، نياري تصوير،
درشن پايا: کن ۾ ٽوٽا، مايا کي زنجير!
ديکت ديکت اُس محل کو، آئي آئي اَندر ۾ اُکير!
اُکير آئي: آئي مستي! تيرا پڳت پئيا فقير!

جنوري ٢٣ رشي ۽ جگياس

رشي ياگنيہ ولک کان اِک ڏينهن اِک جگياسو سوا
پڇي ٿو:- ’گرديو! کرپا کري ٻڌايو تہ ڌرم ڇا آهي؟‘
تڏهن رشي ياگنيہ ولک مشکي ٿو: ۽ چوي ٿو:- ’پيار
اَچ تہ سانت ۾ توکي ٻڌايان.‘
پوءِ رشي ياگنيہ ولک وڃي اِک وڻ هيٺ سانت ۾ وهي
ٿو. هي جگياسو سندس چرنن ۾ وينو آهي. ٿوري وقت

جنورِي ٢٩ مهر دڪان

سنتن کوليو آهي اَستان: وچ بزار، مهر دڪان!
سِر جهڪاءِ! وڃين سودو سچو ڪر!
وڃين وٺ تون اُت اَحسان!

جنورِي ٣٠ بره جي بازار ۾

ڪجهہ نہ ڪڻ تون پاڻسان، اِڪ بره جي بازار ۾:
وڃي بيهہ سانت ۾، پوءِ سُڻ وڃي سنسار ۾:
پيو وڃي اِسرار ۾، اِڪ ناد نوُرِي:- ’توُنهين تون!‘

جنورِي ٣١ پاڻ سڃاڻ

’پاَڻ سڃاڻ‘ اِن لاءِ هي بہ ڳالهيون سمجهہ پيارا:- (١) پهرين تہ مان وري وري وڪارن ۾ ڪِري پوان ٿو ۽ (٢) بِي ڳالهہ تہ هڪ ڏينهَن پريوءَ جي ڪرپَا سان مان اِنهن وڪارن تي جئہ پائيندس: ڇو تہ منهنجي اَندر هڪ روحاني شڪتي آهي، جنهنتي ڪابہ اوُنداهِي شڪتِي (dark force) فتح نٿي پائي سگهي!

۾! سچي آزادي اَتيئي گروءَ ۾ لين تيڻ ۾! دۀ
جي گهير ۾ نه گهڙ: پر گرمکه تيِ، سچي آزاد
پاء ۽ پنهنجو مانکه جنم سڦل ڪر!

جنوري ٢٧ نام نڱ

آجا! آجا! پياري!

سَير ڪريو آ! نام نگ

اُت 'تون' ۽ 'مان' بئي هڪ پريم تياسين،

اُت ڪين رهيو ڪو غي

اُت سروَ سمان: اُت نا اَيمان:

نا وئري، نا ڪو وئ

پيچ نه پاپ رهيو اُت ڪوئي!

اُت نا ڪو خادم، نا ڪو اَمي

اُت گم تيا نوُري سگل پسارا!

اُت وهي اِڪ وحدت سي

جنوري ٢٨ وحدت يو

وحدت يوگه ۾ تن پاڻ وڃايو،
تيو مانکه جنم تن جو سڄايو!
اِڪ اوم سين ويهي تن اوريو،
نينهن تکي آهه تن نهوڙيو!

تي، اَچي تو ويهين تَر تي، اَچي تو ويهين سنسار جي
ڪناري تي. اُڏام! ڪٿن اُڏامين؟ پَرَ تنهنجا ڪيترو وقت
بند: سي پَرَ ڪير کولي؟ ڪو پريوءَ جو پيارو، ڪو سائينءَ
جي نشي ۾ غلطان، ڪو سچو اَلمست فقير تنهنجا پَرَ
کولي! پوءِ تون اُڏامين: پوءِ تون پهچين نج گهر ۾، شيام
ڌام ۾، جت جوت جڳي اَبناسي!

فبروري ۴ **پردي پٺيان**

نہ رہ غافل پيارا!

پردي پٺيان اَتيئي اِسرار!

ڪم ڪار پنهنجو ڪندو رہ:

پر سمجھہ اَتيئي يگيہ نوُري سگل سنسار!

فبروري ۵ **بلب**

نئين جيون ڪيئن ملي؟ بلب (bulb) جڏهن خالي آهي،
تڏهن نڪمو آهي؛ پر جڏهن منجهس روشني اَچي، تڏهن
ڪيئن نہ پيو ٻري! اَسانجي جيون بہ اِن نڪمي بلب وانگر
آهي. جڏهن اِن جيون ۾ بجلي جاڳي، تڏهن جيون نئين
ٿيو پوي! اُها روشني، جوت آهہ پريم جي جوت!

فبروري ٦ **پيار ئي پيار**

ذرہ اَتو پيار! سچي جيون اَتو پيار! سڀن سنتن جي

فبروري

فبروري ۱ نيلو مندر

سچا ستگر! پنهنجي پريم نديءَ تي منهنجي جيون جي بيڙي تار، تون تار! ۽ وٺي هل بئي ڪناري، جت آهي تنهنجو چمڪندڙ مندر، برندابن جو نيلو مندر! ۽ اُنهيءَ مندر ۾، مونکي تون پنهنجو نيلو پٽر ڪري وهار ته تنهنجي نام جي سونهن ۾ چمڪان!

فبروري ۲ دل جون اکيون

دل جي اکين سان ڪر ديدار:
اَندر اَندر چمڪيا اِسرار!

فبروري ۳ کهڙي گهاٽ تي؟

هن وقت تون ڪٿي آهين؟ اَءِ تيرتواسي! اَءِ ياتري! پنهنجي ياترا ۾ تون ڪٿي آهين؟ کهڙي گهاٽ تي اَچي نواس ڪيو اَٿيئي؟ ۽ ڪاڏي پيو وڃين؟ ڪڏهن ڪڏهن اُڏامين پيو بيشڪ، پکيئڙا پرديس جا! پر ڪٿي، ڪاڏي پيو اُڏامين؟

پوءِ پنهنجي گهر کي تون ڪئن پهچين؟ اُڏامين پيو ڪڏهن هِت، ڪڏهن هُت. ڪڏهن ته لهِي اَچين تو تت

فبروري ۹ بخش ميڏي تقصير

بخش منهنجي تقصير، منهنجا رانجهل راڻا! هِت هُت هڪ تنهنجي آهيان: دردن ۾ تيڙس دلگير! تو بِن ڪانہ سڙي تي سڄڻا! آهہ سڪ منجھہ سرير. حيرت تنهنجي ۾ حيران آهيان، نيڻن مان وهي نير نير! تير لڳو اَٿم، تنهنجو تير: هاڻ بخش منهنجي تقصير!

فبروري ۱۰ اِڪ راڳہ

سرير کي پوريءَ طرح ناه: سرير تي پورو ضابطو رکہ تہ تنهنجي روحاني شڪتي بهتر کلي. هن سرير اَندر اَٺيئي نواس اِڪ پکيءَ جو. اِن پکيءَ کي اِڪ راڳہ، روحاني راڳہ ڳائڻو آهي! تنهنڪري پاڻکي نرمل رکہ!

فبروري ۱۱ غلام

غلام آهي سو، جنهن جون ترشنائون سنساري پدارٿن پنيان پيبون پڪن. غلام نہ ٿيءُ، آزاد ٿيءُ!

فبروري ۱۲ عجب بنگلو

عجب بنگلو مليو توکي،
وري پوءِ ٻيو تون ڇو ڳولين؟
رهي توسان حسن وارو،
اِهوئي راز نٿو کولين!

سکيا اَٿو پيار! پريوُ اَٿو پيار ئي پيار! تہ ’پيار‘ ۾ پنهنجي جيون ٻڌو، ’پيار‘ ۾ هڪ ٻئي سان وهنوار ڪريو. اِڪ پيار ئي ڏيايو، ڳايو ۽ پرم پد پايو!

فبروري ۷ مهر محل

وهو سانت ۾! دل جي مندر ۾!
وڃ دل مندر ويهي ويهِي
ڪريو ويچار! هيءَ زندگِي ڇا آهہ؟
اکيون کولي ڏسو! آيو آهہ ڪير پيهِي؟
ڪير؟ آيو پيهِي؟ وڃ ديهي: وڃ ديهِي؟
ڪريو ويچار! پيو آتم چمڪي! پيو آتم مشڪي!
’مهر محل ۾ چلو!‘
اِئين چوي پيو اَندر! اَٿو ڇا لڏو:
جيون جي ميدان ۾!
ڪَنَ کوليو! کوليو! ڇا پيو چوي؟ سو سُڻو!
سُڻو يار کي، سُهڻل يار کي، ٻڌو! ٻڌو!

فبروري ۸ اَتيئي ياد يا نہ؟

کهڙي وطن مان آيو آهين؟ اَتيئِي ياد يا نہ؟ اَلکہ ڌام مان، ستيہ ڌام مان، سچ کنڊ مان هت آيو آهين! شل اِهو وطن نہ وسارين! سنسار ۾ اَچي وڪارن ۾ شل نہ ڪِرين: پر شل پٽ سان روحاني گهر پهچين! اُت پهچِي پنهنجي پريتم کي مِلين ۽ سندس آسيس پائين!

فبروري ١٧ ساکي

سنتن جي لهر وهي پيئي (a ceaseless stream) اُها آتو پريوءَ جي پيار جي ساکي؛ ۽ سنت پنهنجي جيون ۾، پنهنجي ٻاڻيءَ ۾، اِن پيار جو ذڪر ڪن ٿا. پريوءَ جو اَپار پريم اَچي سنت پهچائين ٿا، ۽ اِن پريوءَ جي اَپار پيار جي اَچي ساکي ڏين ٿا.

فبروري ١٨ ڪرشن اَرپنم

نشڪام شيوا ڪر: ڪم ڪر پر ڦل اِچا ڦِٽي ڪر. لوڪ نندا ڪن يا ساک ڪن، لوڪ توکي وڏو ڪري سمجهن يا نهارين بہ نہ، تون وچ پنهنجو ڪم ڪرشن کي اَرپن ڪندو. جيڪو بہ ڪم ڪرين، دل ۾ چئہ:- 'ڪرشن اَرپنم! ڪرشن اَرپنم!'

فبروري ١٩ نہ ڪر موٽ جي پرواه

سچي پيڱتي سا آهہ، جنهن کي ناه موٽ جي پرواه. جئن چاتڪ پڪاري پنهنجي پياريءَ برسات کي، تئن پڪاري شل دل پنهنجي پريتم شيام کي! جئن پتنگہ پياس ۾ وڃي شمع کي پڪڙي، نہ موٽ جي پرواه ڪري، تئن پياس ۾.- سچيءَ سڪ ۾ وڃي پنهنجي شمع شيام کي پڪڙ: نہ ڪر موٽ جي پرواه!

فبروري ١٣ سک جو سڏ

هن سنسار جي نديءَ جي ڪناري تي، پري پري، وينو سائين پنهنجو نرمل گيت ڳائي: ۽ ڳائي ڳائي پيو پڪاري، اَسان کي پيو وري وري نرمل پيار ۾ نهاري، سک ۾ سڏي:- ’پيارا! اَچو! اَچو! اَوهين بہ اَچو!‘

فبروري ١٤ شرڻ وٺ

ڏسَ! اِڇائنِ ۾ گرفتار آهين، ترشنا جي قيد ۾ قابو آهين: ڪئن ڇُٽين؟ شرڻ وٺ! پريوءَ جي ڪمل چرنن کي ڇهتِي پئہ!

فبروري ١٥ اُٿ! جاڳہ!

هن جنم ۾ فقط تو کين رُنو آهي، پر ڪوتِي ڪوتِي جنمن ۾ تو رُنو آهي، ڳوڙها ڳاڙيا اَتيئِي! اُٿ! جاڳہ! ننڊ غفلت ڇوڙ! دل اَندر وري وري من کي سمجهاءِ:- ’هي من! اُٿ! جاڳہ! ننڊ نہ ڪر. غفلت ۾ نہ ويهہ. نام جپ! نام ڳاءِ! هرِي نام دل جي اَندر رکہ تون، پيارا! تہ استر تين ۽ تنهنجِي چنچلتا دور ٿئي!‘

فبروري ١٦ راڌا جي تلاش

يڳتيِ آهي راڌا جي تلاش!

فبروري ٢٤ **اِسرار**

سياڻيون اکيون سي، جي نہ ٻاهر نهارين، پر هميشھ اَندر نهارين: رهن ڪتل اِڪ اِسرار ۾، جو وچ دل مندر پيو چمڪي!

فبروري ٢٥ **اِڪ پڪار**

جَڳہ سارا هئہ وسارا! جوُنا مانُ، جوُنيِ بَرائيِ!
دل اَندر ڪر اِڪ پڪار:-
’شرڻ تماري مئن آئيِ آئيِ!‘

فبروري ٢٦ **بُلبل**

سَنسار ڇا آهہ؟ ٻُڌايان مان توکي اکر هڪ ۾: ’پُل‘!
تون ڪير آهين؟ پيارا! اِن ’پُل‘ تي اَچي ويٺي
آهہ ’بُلبل‘!
اِڪ ڏينهن وات ويندي اِڪ پُل تي ويٺل
مون ڏٺو اِڪ پکِي:
ويٺو اِڪ منٽ، مٺي آواز ۾ ور ور چيائين:
’سکي! آ سکِي!‘
پوءِ ويو اُڏامي، نہ وڌيڪ ترسيو،
سو هو پکِي ’بلبل‘!
سو پکِي تون آهين پيارا! هيءَ ’پُل‘ اَتيئي فاني!
اُڏام! اُڏامندو هل!
اَءِ بلبل!

فبروريِ ٢٠ گهڙيالا

اَندر آواز وويڪ والا،
اَندر گوبند جا گهڙيالا!
اَندر ساجن چوي:- ’سجاڳ!‘
ٻاٽيِ ٻڌ تون اَندر راڳ!

فبروريِ ٢١ ڪمل چرنن ۾

اَءِ پَريو! مونکي سوريہ شڪتيِ ڏي ۽ مونکي چنڊ وانگر نرمل رک،- پنهنجي ڪمل چرنن ۾!

فبروري ٢٢ ڀڳتيِ

ڀڳتيَ آهي هڪ ڀڳوان جي ئيِ شرڻ ۾ رهڻ، زندگيءَ جي هڪ هڪ ڪم ۾ پريوءَ جي شرڻ ۾ رهڻ. ڀڳتيءَ لاءِ پياس اُٿي جڏهن شرڌا اَچي ۽ شرڌا اَچي تي هنن ٽن مان:- (١) ڀڳوان جي سندر روپ ۾ صدق؛ (٢) ڀڳوان جي شيوا لاءِ اُمنگ؛ ۽ (٣) ٻئي ڪنهن ٻہ سُک يا اَختياريءَ لاءِ ڪراهت.

فبروري ٢٣ تصوير جو آواز

دل دَل جي اَندر سچو ستگر اَتيئي. اِن ستگر جيِ مورت، تصوير ڏسيِ اُن جو آواز ٻڌ:- ’دلگير نہ ٿيءُ! مان وينو نهاريان! اَچ تون شرن منهنجي!‘

مارچ

مارچ ۱ **وجِي ڳول اَندر!**

هڪ دفعي سورداس ڀڳت جِي اُڪير وجي تِي وڌندي ۽
اُن وقت پرارٿنا ڪريٺو: - ’هي پريو! جيسين خبر نہ پوندم
تہ تون ڪٿي آهين، تيسين مان نڪِي کائيندس، نڪِي
پيئندس. ڪرپا ڪر ۽ ٻڌاءِ تہ تون ڪٿي آهين؟ ۽ مان ڇا
ڪريان جو تنهنجو درشن پايان؟ پربتن تي، تيرٿن تي ۽
مندرن ۾ وجي توکي ڳوليو اَٿم: تون ڪٿي؟‘

اِئين ورلاپ ڪري ٿو ۽ رات پنيان رات وجي تي
گذرندي. هاڻي پڪوپرن ڪري ٿو تہ ’جيسين خبر نہ پوندم
تہ پريو ڪٿي آهي تيسين مان نہ اَن کائيندس نہ پاڻي
پيئندس.‘

ست ڏينهن گذرن ٿا. رات اَچي ٿِي: پرارٿنا ڪري ٿو،
وڙها ڳاڙي ٿو ۽ چوي ٿو: - ’هي پريو! منهنجو سرير هن وقت
لو آهي: پر مان نہ کائيندس نہ پيئندس، جيسين تون مونکي
جواب نہ ڏيندين. ڪرپا ڪري ٻڌاءِ تہ تون ڪٿي آهين؟‘

اُنهيءَ وقت آواز اَچيس ٿو: - ’منهنجا پيارا! وجِي ڳول
ن اَندر!‘

هن بي بقا جي باغ ۾ اُڏام!
رحم سنڌي راز ۾!

فبروري ٢٧ لڪاءُ

ويراڳ وڏاءُ، پر لڪاءُ! جو لوڪن اڳيان پنهنجو ويراڳ پڌرو ڪري ٿو، اُن ڪان ويراڳ پري پري ڀڄي ٿو!

فبروري ٢٨ گرو ڪير؟

گروَ آهي اُهو، جنهن اَڳيئيِ رستو ڏٺو آهي. مان منجهيل: گرو ڄاڻُو اَچي مونکي رستو ڏيکاري ٿو، مون کي وٺي هلي ٿو. مون کي رستي تي ڪنڊا چڀن، ڪِڪِرِ لڳن. گرو چوي ٿو:- 'پيارا! دلگير نہ ٿيءُ: مون سان گڏ هل.' مان نستو ٿيان: گرو مونکيِ طاقت ڏئي ٿو. مان نا اُميد ٿيان: گروُ منهنجي اَندر اُميد ڦوڪي ٿو. مان رِڙي وري ويسر ۾ ڪِران: گروُ اِن ويسر ۾ اَچي پنهنجيِ مهر نظَر سان نهاري، پنهنجي ٻاجھہ ٻانهن سان اُٿاري ٿو. تنهنڪري پيارا! پنهنجو هٿ ڏي گروءَ جي هٿن ۾!

فبروري ٢٩ چوڪيدار

اُٿيِ تون جاڳ چوڪيدار! سُمهڻ اِئين نہ واجب ناهہ!
پريتم ڏي اُٿِي هل تون، قافلون قرب ۾ تون ڪاهہ!
پاڪ پيرن وچِي سِر جهڪاءِ،
نُورِي محبوب جي قدمن ۾!

شيشي تي پون ٿا. طوطو پيو نهاري ۽ سمجهي ٿو ته آسپاس گل آهن. پيو دل ۾ چوي: - ’بهار آئِي آهه، گل پيا چمڪن!‘ طوطي جي دل ۾ پياس آهه ته جيڪر هي پشپ مون کي ملن. اِڪ پاڇي کي ڇهنب هڻي ٿو: پر گل ته مليس نٿو. وري ٻئي پاڇي کي ڇهنب هڻي ٿو: پر گل ته آهيئي ڪونه. اِئين پاڇن کي وجي ڇهنبون هڻندو. نيٺ سندس ڇهنب مان رت اَچي ٿو نڪري. ڇهنبون هڻي هڻي، ٿڪجي، نيٺ ڪِري پوي ٿو ۽ مري وجي ٿو.

اَسين بہ آهيون اَهڙا طوطا. ڪئن نہ پاڇن پٺيان پيا ڊوڙون پايون! ۽ ڊوڙون پائي پائي، سهڪي سهڪِي، نيٺ ڪِري پئون ٿا ۽ مري وڃون ٿا. پاڇن پٺيان ڊوڙون نہ پايو: پر سچن پشپن وٺڻ جِي ڪوشش ڪريو.

مارچ ۵ روئڻ جو راز

ڏس! ٻالڪ روئي ٿو ته ماتا ڪيس ڇاتيءَ سان لڳائي ٿي ۽ ڪيس ڪير پيئاري ٿِي! ڏس، آسمان ۾ ڪڪر رُئن ٿا ته چمن، باغ ۾ پشپ چمڪن ٿا! سي سڀاڳا جن آهي سمجهيو رُئڻ جو راز!

مارچ ٦ ڇڏڻ سکہ

جيون جو سچو سکہ، پرم آنند سوئي پائي ٿو، جو ڇڏڻ سکي ٿو. اَهڙي جا چرن ڇهڻ آهي گويا پريوءَ جا ڪمل

مارچ ٢ تخت هزارين

تخت هزارين تنهنجا آهن، سج چنڊ تارا،
اَءِ شاه سلطان

شل نہ وساريان، تنهنجو ڪمل مکڙو، پريتم!
موري پراڻن جائي پران

مارچ ٣ يار مسافر

يار مسافر! آهي پنڌ پري،
اَڃا پهچڻ جو سڌ ڪير ڪري؟
چاڙهي مٿي چڙهين پيو پهاڙ،
نج ڏام جي جوت ڪري نهار!
پر پرجي خوشيءَ ۾ نہ هڻ تون هام،
اَڃا پنڌ اَٿيئي جي پهچين ڏام!
اَڃا ٽڪريون ماٿريون ۽ پهاڙ،
چڙهہ نوُري نماڻي، پياس پڪار!

مارچ ٤ طوطي جي

هڪ ماڻهوءَ جو پيار هڪ طوطي سان لڳي ٿو. طوطي
رنگہ ڏسي عجب ۾ پوي ٿو. طوطي کي پڪڙي اُن کي
شيشي جي پڃري ۾ بند رکي ٿو. ڪيس خبر آهي تہ طو
کي گل وڻن: سو اُن شيشي جي پڃري جي ٻاهران ڏار
قسمن جا پشپ رکي ٿو. اُنهن گلن جا پاڇا جدا جدا

ياد ڪر يقين ۾، يار جي اِڪ نرمل نهار!
تہ لنگهي پوين تون پار،
جت چمڪن موتي عميق جا!

مارچ ۹ جيل ۾

هڪ ڪرشن ڀڳت کي جيل ۾ موڪليائون! اُن وقت کهڙا نہ منا اکر هن چيا:- ’هي ڪرشن! منهنجي جيوت جا سردار! محلات ۾ يا قيد ۾ مونکي تہ ڪوبہ تفاوت ڪين لڳي، جي فقط مان تنهنجي ڪمل چرنن جو ڌيان ڪريان ۽ قيد ۾ رهي بہ تنهنجي شيوا ڪريان!‘

مارچ ۱۰ اِسڪول

هيءَ زندگي اَتيئي اِڪ اِسڪول، آزمودن جو اِسڪول! اِن اِسڪول اَندر سکڻ آيو آهين، پيارا! اِئين نہ ٿئي تہ اَنت ڪال ۾ ويهي هٿ هڻين ۽ چوين:- ’اَلا! مون ڪين ڪمايو!‘ آزمودو اَتيئي گرو: اِن گروءَ جي چرنن ۾ ويهي سبق سک تہ تنهنجي زندگي کلي!

مارچ ۱۱ اَءِ دنيا!

پريوءَ جو ڪيڏو نہ پيار آهہ! پريو ڏسي ٿو تہ اَسين هن ڊُونيہ ۾ اَٽڪيل آهيون. پريو اَسان تي مهر ڪري ٿو ۽ سنتن جي روپ ۾ اَچي پاڻ کي پرڪاش ڪري ٿو. پر اَسين سنتن

چرن ڇهڻ. اَهڙو اِنسان دپ ۾ شوڪ کان آزاد آهي. اَهڙي
پياري جي سرير تي جڻ تہ چندن جي سڳنڌ آهي. اَهڙي
جي هڪ هڪ ڪم ڪار ۾ راڳہ آهي، هڪ اِسراري گيت
اَهڙو پيارو جت وڃي، جت وڃي، اُت نرمل پيار جي روشني
پيو روشن رکي. اُهو سدا سنتوشي، اُهو سمدرشي، سين
۾ اِڪ محبوب پيو پسي!

مارچ ۷ **سوالي**

منگتو تِي مهر واسطي اَڇجي. اَڇجي هن آس ۾ ت
’سائين شل پُوري ڪري منهنجي پياس! شل مونکي
قبولي!‘ گهرو، پر بکاري تِي! ڏسو! فقير اُوهان جي د
تي ڪيئن تا اَچن؟ بکاري تِي اَچن تا. اَوهين بہ اِئين
نئڙت ۾ اَچِي ستسنگہ ۾ وهو. منگتا تِي اَچو. سائينءَ جي
در تي ڪريو پياس جي پڪار. سائين پري چڏي: فقط
گهرو! اِن ’گهرڻ‘ کي چئجي ’پرارٿنا‘. سو ڪري تو سچي
پرارٿنا، جنهن جي دل ۾ نئڙت آهي. جيڪي بہ نئڙت
۾ گهرندا، سو سائين ڏيندو، ضرور ڏيندو! ڪين چڏيند
خالي، اُنکي جو ٿيندو سوالي!

مارچ ۸ **ياد ڪ**

پاڻ مَ ڪٿہ پاڻ سين، پنهنجو پاڻ وسار!
ڦٽا ڪر! ڦٽا ڪر! سنسار جا سپ ويچار!

مارچ ۱۴ قوڪٽا

ڪيترا سال ٿيا مان ننڍو هوس. مان حيدرآباد شهر ۾ درياه تي ويس. منهنجو پتا مونکي شوَ جي ميلي تي وٺي هليو. مان پوڄيہ پتا سان پنڌ پيو ڪريان: ڇا ٿو ڏسان؟ ڪيتريون شيون، ڪيترا ماڻهو. پوڄيہ پتا مونکي چوي ٿو:- ’توکي ڇا کپي؟‘

مان چوان ٿو:- ’بابا! مونکي هڪ شيءِ کپي.‘

’ڪهڙي شيءِ؟‘

مان چوانٿو:- ’بابا! مونکي کپي قوڪٽو.‘ قوڪٽو مون ڏنو ۽ منهنجي دل کسڪي ويئي.

پياري پتا مونکي قوڪٽو وٺي ڏنو. اِن قوڪٽي ۾ مون قوڪ وڌي تہ قوڪٽو ڦاٽي پيو! پر مان هيءَ سڪيا سکيس تہ ’قوڪٽا ڦاٽي پون ٿا.‘ پوڄيہ پتا مون کي چيو:- ’سنسار سڄو اَٿيئي فانيِ، قوڪٽا! تنهنڪري پيارا! پريوءَ سان دل لڳاءِ!‘

مارچ ۱۵ چڻگ

گيان ڪتابن مان نٿو ملي. گيان اکرن جيِ ڳالهہ ڪانهي. گيان آهي اِڪ شڪتيِ. اُها شڪتي ڪئن ملي؟ جڏهن سنگ ملي اُن جو جنهن کي شڪتي آهي. گيان آهي اِڪ چڻگ؛ اُها چڻگ ملي جڏهن باد ملي ٿي. اکرن مان گيان نٿو ملي: پر هڪ اَندروني شڪتي آهي، جا ڪبان

ڪي ڪين پڇاڻون. اَسين رهون ٿا ويس ۾. اَسين سانت
۾ نٿا وهون، نہ تہ جيڪر پرونڙ پوي ۽ چئون تہ ’اَهو ياگ
دنيا جا جت ست ڏام مان سنت اَچن ٿا.‘ اَءِ دنيا! تنهنجي
واسطي سنت، ستپرکہ، فقير، درويش اَچن ٿا ۽ اَچي ڪيڏ
نہ سهن ٿا! نماڻا سندن ويس، نماڻيون سندن اکيون. پر
اَچي تو پاڻ سنتن جي روپ ۾، سنتن جي مهر ۾، سنت
جي لهر ۾، سنتن جي شيوا ۾!

مارچ ١٢ **وجاي**

پاپي آهيان، گنهگار،
اَءِ رحم وارا، نهار!
هن وجايل کي هڪ وار:
۽ فضل جو پاڻي پيئار!

مارچ ١٣ **ياتر**

جنم تنهنجو، پيارا! نہ آهي هتي،
پر جوت اَلکہ جي نت جاڳي جتي!
هتڙي تہ آهين، پيارا! اِڪ ياتري:
رکہ ياد دل ۾ دن راتڙي
تہ پرديس ۾ هتي آهين نوُري پکي:
پَرَ ڪول پنهنجا تہ رهين تون سکي!

مارچ ١٨ سنتياڻي تيريسا

ولايت ۾ هڪ ملڪ جي اِستري سنتياڻي تي ويئي آهي. اُنجي ٻاڻي مون ويڻي پڙهي: اُنجو آواز آهي تہ ’حڪم ۾ هلو!‘ اُنجو نالو آهي ’تيريسا‘. ننڍيءَ عمر ۾ ڪيس پنهنجي سونهن جو فخر هو: پر سندس دل جي اَندر وري وري هيءَ پرارٿنا اُٿي تہ ’پريو! مونکي تون پنهنجو ڪر هميشہ!‘ هڪ ڏينهن پريوءَ جي ٿئي تي! هيءَ سنتياڻي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ ڇا ٿي چوي؟ اُها سکيا مون هينئين سنڌي اکرن ۾ لکِي آهي:-

’نہ ڪنهن تي بہ تِي بي آرام،
نہ ڪر ڪوبہ ڊپ، نہ وڃاءِ وشرام!
سڀ جيڪي آهي تہ فاني؛
ست آهہ اِڪ رحم روحاني!
صدق ۽ صبر ۾ سهين،
تہ جيڪر سڀ ڪجهہ لهين!
پريوءَ کي جو پائي،
نہ اُن کا ڪمتِي آهي.
ڪپي تہ ڪجهہ ڪين، نُورِي!
قبولين جي آگيا سمورِي!

مارچ ١٩ سمورِي تنهنجِي

جند جان پيارا! آهي سمورِي تہ تنهنجِي!
نهار! مهر ۾ نهار!

تي کولي. جڏهن اِها اَندروني شڪتي تي کلي، تڏهن
اُهو خزانو تو ملي جنهنجو نالو گيان.

مارچ ١٦ ڳوڙها ڳاڙ

پرارٿنا اکرن جي ڳالهہ ڪانهي: ضروري ڳالهہ آهہ
’پياس‘. ڀل اکر هجن، پر تن اکرن ۾ پياس، اُڪير هئڻ
ضروري آهي. اِن پياس جي هڪ نشاني آهي ڳوڙها.
تنهنڪري سچيءَ دل سان پرارٿنا ڪر ۽ ڳوڙها ڳاڙ!

مارچ ١٧ اَمي!

هڪ موقعي تي رامڪرشن پنهنجن ڪن مترن کي
چيو: - ’جنني! جنني! منهنجي ماتا! اُن کي مون پرارٿنا
ڪئي: - ’اَمي! مون کي پيار ڏي!‘

پوءِ مون سندس ڪمل چرنن ۾ اَچي هي تورا گل رکيا
۽ مون وڏيڪ هي چيو: -

’اَمي! هي پيچ ۽ پاپ، ٻئي مون کان وٺ تون: ڏي
مون کي نرمل پيار، فقط نرمل پيار تو واسطي!

جنني! هيءَ وديا ۽ اَوديا، ٻئي مون کان وٺ تون: ڏي
مونکي نرمل پيار تو واسطي!

جنني! هيءَ پوترتا ۽ هِي وڪار، سيئي ڪسي وٺ مون
کان: ڏي مونکي فقط پيار، نرمل پيار تو واسطي!‘

برف ڪان بہ وڌيڪ اَڇي ٿئي ٿي ۽ چنڊ وانگر چمڪي ٿي! اَهڙي شڪتي شل تنهنجي جيون ۾ اَچي ۽ سائينءَ جي مهر ۾ نيڻ نيڻ نچي!

مارچ ٢٣ ڪرشن نام

جڏهن وديارٿي پستڪن جي وديا بابت سوال پڇن ٿا، تڏهن شري چئتنيہ مهاپربهو چويٿو:- ’سيني شاسترن جو مُول آڌار هري آهہ، سيني شاسترن ۾ شري ڪرشن جوئي ڪيرتن آهہ. شري ڪرشن ئي ساري جڳہ جي جيون جوت آهہ! سيپيئي شاستر ڪٺي ڪنهن پاٺ ڪيا يا ڪنن ڪيا تہ ڇا ٿيو؟ جي اُن شري ڪرشن جي ڪمل چرنن کي ڪين ڄاتو تہ شاسترن جو سچو رس اُن ڪين پاتو! شاستر پڙهيو پر شري ڪرشن جي ڪمل چرنن ۾ جو ڪين ڪِريو، سو روحاني رنگہ ۾ ڪين چڙهيو! شري ڪرشن جي پوتر نام سان ئي سنسار پوتر ٿئي ٿو!‘

مارچ ٢٤ آواز

ڪيترا دفعا تہ ڏينهن جي ڪم ڪانپوءِ شام جو وري وري سمجهندو آهيان تہ مان ڏاڍو ٿڪل آهيان ۽ اُن وقت ڪٿ نہ وري اِئين پيو سمجهندو آهيان تہ منهنجي دل اَندر ڪو آواز اُٿي پيو، جو مونکي پيو چوي:- ’متان دل لاهين! فقط سمجهہ تون ڪير آهين؟ متان ٿين دلگير،

نهاري! نهاري! چاتيءَ چپائي،
ڪمل چرنن ۾ وهار! وهار

مارچ ٢٠ نينهن تورُٿاري

اِڪ پريم تنهنجي پيئي دلڙي پڪاري؛
ڏينهن راتيان نوُرِي، تنهنجو نينهن تورُٿاري

مارچ ٢١ پردي اَند

گرديو موري آهه شيام سندر،
بين بجائي، وچ دل مندر،
پيار پيئاري پردي اَندر،
وينِي نوُرِي پڪاري!

مارچ ٢٢ ڀڳتيءَ جي شڪتي

سچي ڀڳتِي اَتو شڪتي، پريوءَ جي شڪتي! سو سڀاڳو
جنهن جي جيون ۾ اُها شڪتي اُتي! سو سڀاڳو جنهنجي
زندگيءَ ۾ اُها شڪتي روشن ٿئي! اُها شڪتي اِڪ عجيب
شڪتي آهه، جا پاپن کان بچائي ٿي، جا اِنسان کي پريو
جي ڪمل چرنن ۾ لڪائي ٿي، جا زندگيءَ کي فض
جو پاڻي پيئاري ٿِي ۽ پريوءَ جي گنگا جل ۾ ڌوئي ٿي
۽ ڌوئي ڌوئي اوُجل ڪري ٿي، تان جو دل پهاڙن جي

ڪنل! ماٺهو پيا هن پياري ڏي نهارين: پيا چون:- 'ڇا ٿيو آهي؟' نهاري نهاري سندس اکين ۾ پاڻي اَچي ٿو. اِڪ ديد سان سندس دل اَڙجي وڃي ٿي شيام ۾. پنهنجي نگر نديا ۾ موتي ٿو. ڪاليج وڃي ٿو. شاگرد ڪانئس پيا نياءَ جا سوال پڇن. هن پياري جي دل ڪٿي؟ سندس ڇپن تي اِڪ اکر، سندس دل جي تند تار تي اِڪ نام ور ور پيو ڳائي:- 'شيام!' 'شيام!' 'شيام!'

پوءِ ته پنهنجي سموري جيون شيام جو خدمتگار ڀڳت تي گذاري ٿو ۽ سڄي بينگال تي شيام ڀڳتيءَ جو رنگ لڳائي ٿو. هن پياري جو نالو:- 'شري چئتنيه مها پربهو!'

مارچ ٢٨ سڏڪا

مست بلبل ٿي قري ۽ مست گل قل باغ ۾:
۽ مست اَڄ آهه نوُرِي، اِڪ تنهنجي ئي راڳ ۾!
سڏڪا ڀري ٿي هيءَ دلڙي، اَچ پيئا!

پول پاجهه پولي:
پريات پردي ۾ ڏيان، اِڪ پريم پينگهي توکي لولي!

مارچ ٢٩ منڙو مکڙو

دکه درد ۾ آ! تنهنجِي ڪرپا چمڪي،
دل سوز ۾ نوُرِي، منڙو مکڙو چمڪي!

فقط اَندر اُتار اُڪير! سڀ تڪليف ۽ تپسيا ۾ ڏس اِڪ
مورت اُن موهن جي، جو اَٿيئي سچي روحاني صورت.'

مارچ ٢٥ تنل جهان

تنل سارو هِي جهان: پنان اِڪ
مهر تنهنجِي ماتا!
پيو پڪاريان: ڏي اَحسان: منگان اِڪ لطف
لهر تنهنجِي ماتا!

مارچ ٢٦ جل ۽ مڇلي

جل سان پيار مڇليءَ جو، بِن جل تجي تِي پران،
گرديو سان پيار لڳو آهہ منهنجو،
جنهن مونتي ڪيو آهي اَحسان،
شبد سٺائي ڏنائين گيان،
اِڪ نوُرِي نوُر نهار ۾!

مارچ ٢٧ گيا

هڪ وڏو ودوان هڪ نماشام جو گيا جي مندر ۾ اچي
تو. جڏن اَندر گهڙي تو، تڏن پنهنجي سامهون شيام جي
من موهڻي مورت ڏسي تو. هن ودوان ڪيترن کي بحث
۾ جيتيو هو. نياءَ جو پروفيسر هو. گيا مندر ۾ شيام جي
مورت ڏي نهاري تو، وري وري پيو نهاري: سندس اکيو

اَپريل

اَپريل ١ قاتل

مرشد ڪامل مهر پيئاري،
پوءِ راتيان رحم ۾ روح روئاري!
روح روئاري، تو حڪم هلائي،
ڪامل مرشد قاتل آهي!
اَتڪيل آهين اَستول ۾،
آءُ ڪنڌ ڪپائي، قبول ۾!
ڪنڌ ڪپائڻ جي ڪر راند،
تہ نُوري نماڻي، ملي تو ڪانڌ!

اَپريل ٢ گهر موٽ

هڪ نوجوان پنهنجي پتا سان وڙهي ٿو ۽ وڃي ٿو پري پري. پتا جو گهر ۽ پتا جو ديس ڇڏي وڃي ٿو. ويچارو وڃي پڻڪي ٿو. هڪ ڏينهن بيمار ٿئي ٿو. چوي ٿو:-
’هت تہ ڪوئي ڪونهي جو مونکي پڇاڻي: ڇا ڪريان؟‘
بيزار ٿئي ٿو. اُن وقت هي نوجوان هڪ تار پنهنجي پتا کي موڪلي ٿو. پتا کي لکي ٿو تہ ’مان ڏاڍو دکي آهيان، جنهن ڏينهن کان وني اَوهان کان جدا ٿيو آهيان.‘

مارچ ٣٠
راند

هي سنسار اِڪ ميدان آهي، جت اَسان مان هڪ هڪ
اَچي ٿو راند ڪري. هڪ هڪ جيڪر پاڻڪان پڇي ته
’مان سچي راند ڪريان ٿو؟‘ ڪئن نه ڪيترا اِن راند
۾ ڊوڙي ڊوڙي، سهڪي سهڪي ساه ڏين ٿا. شل سچي
راند ڪريون! ڪهڙيون ڊوڙون پيا اَسين پايون؟ پاڇن جي
پٺيان پيا پئون ڇا؟ هن زندگيءَ جي ميدان ۾ ستگر وينو
نهاري! شل سچي راند ڪريون! اُها راند ڪهڙي؟ دل اَندر
پياس رکي، سيني اَندر سڪ رکي، اکين ۾ اُڪير رکي،
پوتر نام اُچاريون، هري ڏوم مچايون، پنهنجو مانکه جنم
سڦل ڪريون!

مارچ ٣١
هولي

اَج شيام اَچي مهر ۾ مون سان کيلِي هولِي هولِي!
جهلِي مون سندس روبرو، جهليم رتڙي چولِي چولِي!
ڪر آسيس مون تي، شيام! بڌاءِ گپت بولِي!
اکين آب آيو: مون چيو:-
’آهيان تنهنجي گولِي، تنهنجِي گولِي!‘

جنهن ڏينهن ڪين مون پريم ڪمايو!
ڪُوڙا نسوُرا سڀ ڪم ڪار،
جن ۾ ناهه پريوءَ لاءِ پيار!
سفر تِن جو نوُري نماڻي سجايو،
جِن اَندر پيار پرَيوءَ لئہ آيو!

پريل ۵ **پڪار**

پريوءَ جي ڪرپا وٺڻ واسطي ضروري اَتيئي تہ پڪار ڪرين. اِن پڪار شڪتيءَ پرارٿنا جي بَل سان تون لنگهي ونديں پار!

پريل ٦ **ڌام اَلکہ مان**

ڌام اَلکہ جي اِسرار مان،
ٿِي آيس ڏسڻ هت گلزار:
بلبل اُن باغ ۾،
جت چمڪي سوُنهن سندو سردار!
شاهہ محل مان هتڙي آيس،
اَلا! مايا ڪيو مونکي هت گرفتار:
’مان مان‘ هت گمراهہ ڪيو،
ڀٽڪي ڀٽڪِي ٿيس بيزار!
ڪامل مرشد مهر ڪئي،
وري مليم درشن ديدار:

پتا پنهنجي پٽ کي تار موڪلي ٿو، جنهن ۾ آهي
هيِ به اکر:- 'Return Home': 'گهر موٽ!' اِن تار تي پ
صحيح ڪري ٿو: Father پتا.

اِها تار نوجوان پڙهي ٿو ۽ سندس اکين ۾ اَچي ت
پاڻي. تار پڙهڻ پڙهڻ ڪانپوءِ هي نوجوان گهر موٽي ٿو
هيءَ ڳالهه ڪهڙي نه سندر درشٽانت آهي! اَسين به پريو
کي جڏهن ياد ڪريون ٿا، تڏهن پريو اَسانکي تار موڪلي
ٿو:- 'Return Home' موٽو! گهر موٽو!' پريوءَ جي تار آهي
سنت: سي اَچي پڪارين ٿا:- 'موٽو! گهر موٽو! پنهنجي
وطن وَرو!'

اَپريل ٣ چند

چنڊ ڪيئن نه پيو چمڪي!
چنڊ جو چنڊ به تون!
پوءِ چو ڇپائين پاڻ کي؟
سچا ستگر! اَچ!
اَچي چمڪ تون!
منهنجي روح جي آسمان،
اَندر جي آڪاس ۾!

اَپريل ۴ ويو ڏينهن اَجاي

اِڪ اِڪ ڏينهن ويو اَجايو،

عشق سندس ذا ۾!

الله هوُ! الله هوُ!

الله هوُ! الله هوُ!

اَپريل ١٠ هنس پکي

پيارا! تون تہ هنس پکي آهين. اُڏامي آيو آهين کھڙي ديس مان؟ ڪٿان آيو آهين؟ اَءِ هنس پيارا! اُڏامي اُڏامي اچي هن سنسار جي تٽ تي ويٺو آهين: پر تنهنجو گهر ڪٿي؟ هت تہ آهين تون مسافر خاني ۾ مسافر، اِڪ ياتري، ڪ تيرٿواسي. هت کھڙن وڪارن ۾ اَچي تو پاڻ کي ڦاسايو آهہ؟ پيارا! تنهنجو گهر ڪٿي؟

اَپريل ١١ چکڻ جي چاهين

سِر ڏي، چکڻ جي تون چاهين،

ڪنڌ ڪپڻ بِن ڪين پيالو پائين!

اَپريل ١٢ سِڪہ رمز

سِڪہ رمز وجوُد وڄاوڻ جي!

سِڪہ رمز دل کي ڏنارڻ جي!

اُٿ! جاڳہ! هل هيڪلو هن راه ۾!

لعل لڪاءِ نوُري ساه ساه ۾!

ڪئن ڪريان اِظهار؟
نُوري نند اُتاري نهال ڪيائون!

اَپريل ٧ **سچِي پوڄا**

سچِي پوڄا جي نشاني ڪهڙي؟ پاڻ ڪيا اَتئون ڪيترا، پر اَجا پٿرن جا پٿر؛ گيت ڳڌا اَتئون ڪيترا، پر اَجا دل ٺوٺ ئي ٺوٺ. سچي پوڄا ڇا آهي؟ سچي پوڄا اَتو هيءَ:- 'سائينءَ بنا ٻيو سڀ ڪجھ وسارڻ.'

اَپريل ٨ **ڪوڄنا**

ستپرڪ جي ضرورت آهي. ڪتاب پڙهي ڇا ڪندا؟ ٻاهريان ڪتاب پڙهي ڇا ڪندا؟ وڃو ڪوڄنا ۾! وڃو تلاش ۾! سياڻا سي جن ڪي ڪنهن ست پرڪ جو سنگ مِلي، جنهن ست پرڪ کي هُو پنهنجو گرو ڪن. اُن گرديو جي اکرن ۾ رهن روز روز! ڌيان ڪن روز روز! ٿورا اکر، پر اَهڙا اکر دل جي اَندر ٽڪن ٿا. جئن مندر ۾ جوت جاڳي، تئن دل جي مندر ۾ ست پرڪ جا اکر پيا چمڪن!

اَپريل ٩ **الله هُوَ!**

گن ڳايو!
آپو مٽايو!
اَلکہ سندس نام!

اپريل ١٥ سوغات

عشق اَلله جو جنهن سان آهي،
اُنکي سوُرن جي سوغات:
ننڊ نہ اُنکي آهي آهي،
اوُ روئي روئي ساري رات:
ڏينهن کلي پر اَندر اُنجي،
آهہ عجيبن جي بات:
لِنو لِنو ۾ آ! اِک جي لات،
دلبر نوُري دم دم چاهي!

اپريل ١٦ رام بنواسي

ڪٿي رام اَسانجي دلين جو پيارو؟
ڪٿي رام سونهارو، سدا جو سوپارو؟
آهي رام اسانجو اَجا نوُري بنواسي!
اَسان لئہ سهي پيو، تيون آتم واسي!

اپريل ١٧ پراڻ پتي

ڪٿ پراڻ منهنجا، موري پراڻ پتي!
توڙي چرڻ ڪمل، تيان آنءُ ستي!

اپريل ١٨ نہ رکہ پري

هري ڪرشن! هري ڪرشن!
ڪرشن ڪرشن هري هري!

اَپريل ١٣ **ويساکي**

اَڄ ڏينهن ويساکيءَ ڪئي گرديو ڪرپا اَپار:
اَڄ ڏينهن پنگل پارت ۾، کليو اَلک جو اِسرار!
اَڄ ڏينهن پرساد پريم جو مليو مهر ۾:
نج روپ خالصا چمڪيو پارت اَندر کهڙيءَ لهر ۾!
اَڄ ڏينهن گرديو پڪاريو: - ’اُٿو! جاڳو! منهنجا پيارا!
پارت پومي، پنيہ پومي! جهندو جهليو! نينهن ۾ نيارا!
پنگل پارت ۾ دکين غريبن جا ٿيو خدمتگار!
ڏيو سِين کي، پائرن پينرن کي، ڏيو سين کي پيار!
نغارو نام جو وڄي در در، گهر گهر وڄايو:
گرباٽيءَ جي مڌر مرليءَ ۾، وڄي لوڪن کي اُٿاريو!
تہ پارت نئون ٿئي، پارت نُوري ٿئي آباد،
نام شڪتيِ، شيوا شڪتيءَ ۾، پارت پيارو ٿئي آزاد!‘

اَپريل ١٤ **ايڪ، اَنيڪ**

سکہ جي چاهين تہ ڇوڙ اَنيڪ،
دل جي دل ۾ رکہ ياد تون ايڪ!
اَنيڪ ۾ آهي من چنچل، پياري!
اِڪ جي پريت تيِ ساگر تاري!
نُوري نماٽيِ تيِ اِڪ جيِ پوُڄاريِ،
اَنيڪ سان چت ۾ نا رکہ ياريِ!

جي صحت لاءِ ضروري آهي ته ڪجهه غم به هجي، سڪ جو غم، پيار جو غم. جن کي خبر نه آهي غم جي، سي ڪئن ملن موهن کي؟

اَپريل ۲۱ اِڪ نتيه

ڌيان ڪرڻ سِکُ! بيشڪ، جي ضروري سمجهين ته وڃي ڪنهن تپوبن ۾ ويهه يا پنهنجي گهر ۾ هڪ ڪنڊ وٺي، اُن ڪنڊ کي تپوبن ڪر. ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجي اَندر وڃ. من جي غفا ۾ وڃي ويهه. ويهي پاڻ کي هيئن چئه:- 'سنسار ۾ ته سڀ ڪجهه فاني آهه، سڀ اَنتيه! مونکي نتيه کپي: سو ڪٿي آهي؟' اِڪ پريوئي نتيه آهي! بيو سڀ ڪجهه فاني!

اِئين ڌيان ڪرڻ سان آهستي اَنتيه کي وساريندين ۽ پنهنجو چت وجهي رکندين اِڪ نتيه جي چرنن ۾!

اَپريل ۲۲ اِڪ جو ڌيان

رات جو سمهڻ وقت شال وهين سانت ۾،
اِڪ جو ڌيان جيئه ۾ جڙي:
ڪٿين دل جي اَندر هيءَ پڪار:- 'رکين رحم وارا!
نه پاڻ کان پري!'

پنهنجي ڪمل چرنن ڪان،
نہ رکہ تون پري پري!

اَپريل ١٩ **رات وهاڻي**

ڏس پيارا! اَتيئي وقت ڪافي ويو! رات وهاڻي:
هل گڏجي سفر تي: ڪٺج پاڻ سان ڪجھہ ڪين،
نہ اَن نہ پاڻي!
بکون سهج صبر ۾، پاڻي پيئج اُت وجي جت فقط
رحم روحاني
سفر اَتيئي سجڻ جو، نہ ڪر دِپ ڪر: ڏسين جي
شڪل اِڪ روحاني
تہ رنگہ مجينيءَ ۾ تون ۽ مان: گڏجي هلون چمن
گلزار ڏي

اَپريل ٢٠ **خوشي ۽ غم**

ڪيترا آهن جي چون ٿا تہ رڳو خوشي ڪپي! رڳو خوشي
تنهن مان تہ آتما جي صحت ڪِري پوندي. جو رڳو ڪن
تي رهندو، سو بيمار ٿي پوندو. چين ولايت جي رشي
جي ڳالهہ آهي تہ ڪيس هڪ شيشي ملي، جنهن تي لکيل
هو تہ 'ٿورا ڦڙا وٺ تہ اَمر ٿين.' رشي ويو پيئندو، تان
جو اَڌ شيشي اَچي پوري ٿي، ڪِري پيو، مري ويو! آتم

اَپريل ٢٦ ڪال جو سمرن

پيارا! ڪال جو سمرن رک دل جي اَندر هميشھ. پاڻ کي سمجهاءِ تہ ’ڪنهن وقت بہ مان هليو وڃان!‘ اِها ڳالهہ نہ وسار! ۽ روز روز پاڻ کي چئہ:- ’ڪڏهن بہ ڪال اَچي: شل مان تيار رهان هميشھ، هميشھ!‘

اَپريل ٢٧ ڪٿ پايان؟

هڪ ڏينهن هڪ سنت کان هڪ ماڻهو پڇيو:- ’سائين! پريو ڪٿ پايان؟‘

سنت چويس تو:- ’دل جي اَندر اونهي پياس رکي ڳوڙها ڳاڙ: پڪار، پڪار:- اَمي! تون ڪٿي آهين؟ اَچي مونکي نهار!‘

اَپريل ٢٨ پڪڙي ڪير؟

من لوتوُ، من ڦورو، من چور:
پڪڙي ڪير؟ جو ڪين رهي منجھ گوڙ شور!
سوئي سپا ڳو نوُري، ستگر صاحب جو پيارو!
رهي روز رحم ۾، نرمل نينهن ۾ نيارو!

اَپريل ٢٩ اِئين آهي ڇا؟

اِئين آهي ڇا تہ تون پريوءَ جو وري وري ويچار ڪرين ٿو، وري وري نام ڌيائين ٿو، نام ڳائين ٿو؟ تہ ياد رکہ

اَپريل ٢٣ — پاڻ وسار

اَندر وڃڻ جو رستو اَتيئي پاڻ وسارڻ! پاڻ وسار: اَندر نهار!

اَپريل ٢٤ — عشق عجيبن ۾!

هڪ دفعي سانت ۾ اکر هي ٻڌم:- ’پيارا! نہ روءُ تون، نہ پاڻ کي کوءِ تون! ڏس ڪيئن نہ تارو پيو چمڪي! اِن تاري ۾ اَتيئي اِڪ جوت: سا ساڳي جوت تنهنجي دل جي اَندر آهي. اِن جوت کي روز بہ روز جي جيون ۾، ڪم ڪار ۾، ڌيان ۾، دل جي درد ۾ جڳاءِ. اِن جوت جو نالو اَتيئي ’عجيبن جو عشق‘ ’سائينءَ لاءِ پيار‘! اُتي جوت جڳاءِ، اُتي رام نام ڳاءِ!‘

اَپريل ٢٥ — دل جي گهر ۾

دل جي گهر ۾ بہ ڪين سوُنهن:\
جڳہ يا جڳديشور: بہ گڏ نا ٽِڪن!\
اَءِ جڳياسو! ڇڏ موه سنسار کي:\
اُت جاڳہ! ڏي دل اِڪ يار کي!\
اِڪ يار بِن، سڀ اَتيئي تہ فاني:\
تنهنجو سون، تنهنجو سوُنهن: اِڪ صوُرت لاثاني!\
اَندر وهار، نينهن ۾ نهار:\
ٻيو سڀ وسار، ڪر نوُري ديدار!

مي

مي ۱ پاڻ مان ٿيِ گم

پاڻ مان ٿيِ تون گم،
وجيِ ڪر نواس منجهہ اَگم!
پوءِ وڃائڻ سڀ نوُريِ وڃاءِ،
ستيم، شوم، سندرم تون پاءِ!

مي ۲ چار ساڌن

(۱) پهرين ڳالهہ تہ اَندر وڃڻ جيِ ڪوشش ڪر.

(۲) بيِ ڳالهہ: اَندر وڃڻ واسطي ڪنهن نہ ڪنهن پريوءَ جي پياري، ستپرڪہ، گروءَ جو سنگہ ڪر.

(۳) ٽين ڳالهہ تہ پياس رکہ دل اَندر، نہ ڪنهن سنساري پدارٿ واسطي، نہ ڪال وستوءَ واسطي، پر اَڪال واسطي.

(۴) چوٿين ڳالهہ تہ ديهہ اَيمان ڇڏ: تنهنڪري ياد رکہ تہ هيءُ سرير اَٽيئي فانيِ.

مي ۳ زندگيِ

زندگيِ اَٿيئي اِڪ پوتر چيز. عيش عشرت واَسطي، نہ ماڻڻ واسطي زندگي ڪانهي. زندگي اَٿيئي اِڪ يگيہ:

جيترو تورن کي اُنجي خبر پوي، اوترو تنهنجي روحاني جيون لاءِ بهتر آهي.

اَپريل ٣٠ سانوَرو ٻالڪ

هڪ دفعي شري چئتنيہ اَچي تورُئڻ ۾ چتڪي ۽ روئي روئي چوي ٿو:- ’پيارا! منهنجي هردي ۾ تہ هڪ سانوَرو ٻالڪ مني سُر ۾ بنسي پيو وڄائي ۽ چت کي پيو اُمنگہ ۾ اُٿاري. اُهو سندر روپ مان پيو ڏسان، اُهو مٺڙ آواز پيو ٻڌان. ڏسي، ٻڌي، منهنجو چت پيو شيام نام پڪاري، پيو سڀ ٿو وساري!‘

مسافر لاءِ وشرام ٿئي ٿو.

تون بہ پيارا! جنم جنم ۾ ڪيڏو نہ ڀٽڪيو آهين: ڪيڏو نہ سنو اَٿيئي! ڳوڙهن جا سمنڊ ڳاڙيا اَٿيئي! سنت چون ٿا:- 'پيارا! ڇو ٿو ڀٽڪين؟ 'سک ساگر ۾ آئڪر مت جائو ري پياسا!' پيارا! پياسِي ٿِي نہ وڃ: پر پنهنجي پياس مٽاءِ، پنهنجي تپت بجهاءِ، اَچي وشرام پاءِ، رام نام ۾، شيام نام ۾!

مي ۷ حاضران حضوُر

دلبر ڇوان؟ يا دوست ڇوان؟

محل تنهنجي جو آهيان مٺا! مزوُر!

هجان شل هميشه تنهنجي چرنن ۾،

اُچاريان روز منتر:- 'حاضران حُضوُر!'

مي ۸ بُنڊ

هڪ درويش جي ڳالهہ آهي: سندس آسپاس آهن ڪي سندس شش. ڪين چوي ٿو:- 'ڏسو هي ڪاٺ جو بنڊ، جو پيو ٻري. ڪاٺ جي پڇاڙيءَ مان ڏسو اَچي پيو پاڻي!' اِهو ڪاٺ هو آلو. فقير چوي ٿو پنهنجن پيارن کي:- 'هيءُ آلو بنڊ ڪاٺ جو پيو ٻري ۽ ٻئي پاسي هن بنڊ منجهان پاڻي پيو اَچي. توهين جي وري پيا ڇئو تہ اوهانکي پريوءَ لاءِ سڪ آهي، اَوهان جي اکين ۾ تہ مان پاڻي ڪونہ

اُن يگيہ ۾ تون هنن ٻن ڳالهين جي آهوتي وجھہ:- (١)
پاڻتي ضابطو؛ ۽ (٢) دان.

مي ۴ گيان رتن

ساگر آهي مايا! اِن مايا ساگر جي اوُنهائيءَ ۾ وڃ؛ ٻپ
نہ ڪر! دنيا جي اَندر وڃ؛ وڃي وِلوڙ، آزمودا وٺ؛ منهن
نہ موڙ! اِڪ ڏينهن اُنهن آزمودن مان توکي رتن ملندو،-
گيان رتن!

مي ۵ پاپين لئہ پيار

مون کان پڇيائين تہ ’تون پاپين کي ڇو نہ تـ
ڌڪارين؟‘ مون چيو تہ ’پاپ آهہ بيماري ۽ ڪيترا دفع
بيماريءَ جا جيوڙا چڱن گهرن ۾ گهڙي وڃن ٿا. جي مان
ڪنهن بہ پاپيءَ کي ڌڪار، نفرت جي نظر سان نهاريان
تہ مان پاڻ وڏيڪ پاپي، پوءِ ڪئن مان ٻين پاپين کي
ڌڪاريان؟‘

مي ٦ وشرا

جڏهن ڪو مسافر گهمي ٿو، گهٽورُلي ٿو؛ ٿڪجي ٿڪ
اَچي ڪنهن وڻ هيٺ وهي ٿو ۽ اُت وڻ هيٺ ويهي، گهٽ
ٿڪڻ ڪانپوءِ ويچارو اُڃايل پياسي ڇانوَ وٺي ٿو، نزديڪ
چشمي مان پاڻي پيئي ٿو تہ اُهو وڻ جو اَجهو هن ٿڪ

مي ١١ آتش اُٽار

هيءُ نا وقت وسارڻ جو،
هيءُ اَتيئي وقت اُٽارڻ جو،
عاشق! اُٽي آتش اُٽار!

ي ١٢ جيون جو گيت

آتما آهي راڳيندڙ، هڪ ڳوئيو، اَمر ڏا۾ مان آتم هت
چي تو پنهنجو گيت ٻڌائڻ. ڪئن ٻڌائي؟ راڳ جو اوزار
پي، ستار ڪپي. اِهو راڳ جو اوزار، اِها ستار آهي سرير.
ن سرير جي ستار تي آتم اَچي تو گيت ڳائي. تان جو
ڪ ڏينهن ستار ٽئي تي پُراڻي، جهوني: ستار ٽٽي پوي
ي: ڳوئيو هليو وڃي تو. وري ٻئي هنڌ وڃي ستار ڪٽي
و ۽ گيت ڳائي تو. تنهنڪري هيءَ ڳالهہ سمجهہ تہ هڪ
رف سرير فاني آهي ۽ ٻئي طرف ضروري آهي سرير
ي صحت ۾ رکين! سرير جي اوزار کي ٺيڪ رکہ تہ
م ڳائيندڙ، ڳوئيو هن سرير جي ستار مان ٺيڪ طرح
يت ڳائي. توکي جيون جو گيت ڳائڻو آهي، تنهنڪري
رير جي ستار جي سنڀال رکہ!

ي ١٣ ڪئن جيئان؟

خبر توکي سڄڻا! تري ڪين جاٽان،
تو بِن نا ٻيو ڪو، نہ ٻيو ڪو سڄاٽان،

ٿو ڏسان. توهين جيڪر جلو سڪ ۾ هن بند وانگر. هيءُ بند پيو باه ۾ جلي: پر هن مان پاٽي پپو نڪري.‘ ڪهڙي نہ سندر سڪيا!

مي ۹ عشق دا اِسرار

بي رنگي عشق دا اِسرار،
آدم بنڪي رنگہ رچايا!
اَروپ، اَنادي، سچ کنڊ اَڪالي،
تد روپ نرنجن ’رام‘ پڌاريا!

مي ۱۰ نئون ست يگہ

سج سونهارو ٿي لٿو، لهڻ مهل سندس سونهن عجيب هئي! آسمان ۾ سندر رنگہ هئا. سج ڏي مون وري وري پئي نهاريو. هڪ ڀاءُ آيو، اُن مون ڪان پڇيو:- ’دنيا ۾ ڪيڏي نہ دغا آهہ ۽ بيوفائي! ۽ دنيا ۾ دشت وچي ٿا وڌندا؛ ڪلجگہ ڪنور آهہ؛ پوءِ بہ تون اِنسان ۾ وشواس نٿو ڇڏين؛ سبب ڇا؟‘

مون چيو:- ’بيشڪ، اِنسان وري وري حيوان ٿي پئي ٿو، پر اَصل ڪان ۽ نج روپ ۾ اِنسان ڀڳوان آهہ. هن وقت بہ دنيا اَندر چڱا ۽ سچا ماڻهو آهن. ڪلجگہ ڪنور آهہ، پر جيئن ڏينهن پنيان رات آهہ، تئن ڪلجگہ پنيان ست يگہ آهي. نئون ست يگہ اَچيٿو!‘

’سچ کي پنهنجي بتي ڪريُ سمجهو ۽ اُن روشن بتيءَ کي پڪتو جهلي بيهو!

’ياد رکو تہ توهانجي مڪتي سچ ۾ ئي آهي. سچ جا شيوڪ، سچ جا روپ ٿيو. نہ پاڻ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ مدد واسطي نهاريو.

’آنند پيارا! سين بکن کي منهنجو چوڻ آهي تہ هن وقت يا جنهن وقت مان هليو وڃان، تنهن ڪانپوءِ پنهنجون روشن بتيون پاڻ ٿيو! نہ ٻئي ڪنهن اِنسان تي ڀاڙيو! سچ کي پنهنجي جوت ڪري سمجهو! ۽ سچ ۾ پنهنجي ’مڪتي‘ سمجهو! پوءِ وڃي پرم منزل تي پهچو!

’تنهنڪري، آنند پيارا! سين بکن کي هن وقت منهنجو چوڻ آهي:- ’روحاني راه ۾ هلڻ واسطي ڪوشش ڪريو ۽ سِڪندا ڪريو.‘

’منهنجي زندگي هينئر پوري ٿيڻ تي آهي. اَوهان کي مان ڇڏيان ٿو. منهنجا پائر پيارا! تنهنڪري توهين ويچار شڪتي ڪوليو ۽ نرمل رهڻ جي ڪوشش ڪريو! اِرادي ۾ پڪا ٿي رهو. پنهنجن دلين تي پهرو ڏيو ۽ وڪارن کي اَندر اَچڻ نہ ڏيو!

’جو هن روحاني راهہ ۾ ۽ پنهنجي ڪوشش ۾ نہ ٿڪبو، پر سچ ۽ ڌرم کي پڪڙي اَڳتي اَڳتي هلندو، سوئي دکہ، ڪشٽ، ڪليش سڀ ڪري ناس، وڃي پائيندو سُکہ اَپار!

ڪيئن توسان گهاريان؟

تو بِنِ نوُري، ڪيئن جيئار

مي ١۴ سُکہ اَپ

گوتم ٻڌ ليٽيو پيو آهي. ٿوري وقت ڪانپوءِ اڪيون کول

تو ۽ نهاري ٿو.- آنند کي ۽ ٻين ششن کي نهاري ٿ

پڇاڙيءَ جو پيرو اَٿس جو پنهنجن پيارن کي اسٽول اڪي

سان ڏسي ٿو ۽ پوءِ ڪين ڪي اکر چوي ٿو. اُهي اکر گوت

جو پڇاڙيءَ جو اُپديش آهہ. ڏاڍو دل ڇڪائيندڙ اُپديش

آهہ. سين ششن کي نهاري گوتم ٻڌ ساٽن موڪلاڻي ڪر

ٿو:-

'آنند پيارا! ٻڪوُ پيارا! هينئر مان ٻڍو ٿيو آهيان. ٠

سال عمر جا اَوهان وٽ هت گذاريا اَٿم. منهنجو سفر پور

ٿيڻ تي آهي!

'ڏسو جئن ڪا ڳاڏي آهہ، جا پُراڻي ٿي ويئي آه

اُن جي ڦيٿن کي ڏاڍو تڪليف سان هلائي سگهبو، تئ

پيارا! هيءُ سرير ڏاڍيءَ سنڀال سان هلائي سگهجي ٿو.

'آنند پيارا! منهنجو سرير ڏاڍو ٿڪل آهہ. فقط جنه

وقت سڀ ڪم ڪار ڇڏي منهنجي دل وچي ڌيان ۾ وه

ٿي، تڏهن هي منهنجو سرير آرام ۾ رهيٿو.

'تنهنڪري آنند پيارا! پنهنجي جيون جون ٻتي

توهين پاڻ ٿيو! نہ ڪنهن ٻاهرينءَ مدد تي ڀاڙيو!

مي ۱۹ چا پيو کُلي؟

اُلٽي بازي اَلکہ جيِ! سمجهي ڪير؟
سمجهي ڪير؟
ٻڌون ٿا: ڪير ٻڌي! ٻورن ٻڌي چا ڪيو؟
من ريجهي ڪير؟ ڪير؟
نڪتو آهين مسافريءَ تي: ديپڪ ڪين ڪٽين!
اوُنده ۾ اَچي اَڙيو آهين! پيو ٿاقوڙا هٽين!
سٽين ڪين! نڪي سمجهہ پيارا! ٿو ڪولين!
ڏس قاصد پيا اَچن! وڃي هٽنديءِ نوُري جيل ۾!
نهار! نہ وسار! عجب اِسرار ۾ آهين! چا پيو
کُلي رحمت جي کيل ۾!

ي ۲۰ چنچلتا دوُر ڪر

تنهنجي اَندر، پيتر پيتر، شبد پيو وڃي: پر اُهو شبد
وڪي ٻڌڻ ۾ نٿو اَچي، ڇو تہ من چنچل آهي. جڏهن
ن جيِ چنچلتا دوُر ڪرين، تڏهن سماڌيءَ ۾ نواس
ڪرين ۽ پنهنجي اَندر شبد ٻڌين!

ي ۲۱ سونو ٿين

سونو ٿين تہ سڪ رکہ!
سواد ڪپيئي تہ نام چکہ!
سياڻو ٿين تہ رکہ اِڪ جو ڏپ!

مي ١٥ — اُلٽا رستا

سنسار جي چنبي مان جي ڪو ڇُٽڻ چاهي تہ چريـ
ٿي ڇُٽي. جڏهن سنتن چيو آهہ:- ’هلي اُلٽا رستا.‘ ٻيو
ڪو اُپاءُ ڪونهي.

مي ١٦ — وڇ دل مندر

جيئن تيل آهي سمايل تِرن ۾، جيئن گيهہ پيو آهي ڏڌ
۾، جيئن باه آهي ڪاٺ ۾، جيئن جل آهي واهہ ۾، تيئن
اَندر اَندر، وچ دل مندر پيو چمڪي آتما. پر اُن کي ڏسي
سو، جو سچو جگياسو ٿي، من تي ۽ سرير تي ضابطو رکي
تو ۽ سيِن پراڻين کي پيار ڏئي ٿو!

مي ١٧ — اِمتحان

ساري جيون زندگي اَٿيئي اِڪ اِمتحان:
اِڪ اُنجو منتر آهہ:- ’سائين! ڏي اَحسان!‘

مي ١٨ — پوڙهيت

تو در جي آنءُ ٿيان شل ٻانهي:
ٿي پوڙهيت پريان تنهنجي در جو پاڻي!
پنهنجي در تي نوڪر ڪري نوُري بيهار:
پريان روز پاڻي آنءُ نوڪر گنهگار!

...ي ٢٣ بہ پکي

هڪ هڪ جي اَندر ڪرشن آهي. هڪ اُپنشد ۾ لکيل
...هي تہ 'جيون جي ورڪہ، وڻ تي بہ پکي آهن. هڪ پکي
...تما، بيو پکي پرماتما، جو ويٺو نهاري، جو سکا آهي، متر.'
...ڪ هڪ جي اَندر ڪرشن ويٺو آهي: متر سکا ڏسي ٿو،
...اري ٿو، سيکاري ٿو. تڪليف جي وقت هڪ هڪ 'اَرجن'
...ڪي پيو پڪاري:- 'بهادر ٿي بيهہ ميدان ۾! نشڪام
...رم ۾ پنهنجي روحاني طاقت ڪول!'

...ي ٢٤ سچ وانگر

پيارو پريو سين جو آهي ۽ سچ وانگر سائين سين تي
...و چمڪي ۽ سين کي آسيس پيو ڏئي. ياد رکہ تہ پريوءَ
سچ اِڪ اِڪ اِنسان تي روز روز روشن آهہ! چا سنت،
پَتت، پاپن ۾ ڪِريل، هڪ هڪ تي پريوءَ جي مهر
...ہ: سا مهر نہ وسار!

...ي ٢٥ راڌا شيام

اِڪ ڏينهن جڏهن راڌا برندابن ۾ سخت بيمار ٿئي
...، سندس ساهيڙيون وٽس اَچن ٿيون. سمجهن ٿيون
...هينئر راڌا وڃي ٿي: پر ڪرشن ڪٿي؟ راڌا بہ سمجهي
...تہ 'مان هينئر وڃان ٿي.' تڏهن چا ٿي چوي؟ ساهيڙين
...چوي ٿي:- 'سرتيون! سهيليون! منهنجو سرير ڪٿي

آسيس ڪپيئي تہ رام جپ!
هر حال ۾ نُوري پاڻ سڃاڻ!
لوڪن لڪائي ڪر روح رهاڻ!

مي ٢٢ نئون ڪوه

بنيءَ ۾ وڃي هڪ پيارو ڪم ڪندو هو. هڪ ڏينهن
اوچتو ئي اوچتو سندس ساٿي، هڪ مزدور بنيءَ تي مري
وڃي ٿو. پيارو دکي ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو:- 'دکہ جو ڪارڻ
ڇا؟' خبر نہ ٿي پويس.

وري ٻئي ڏينهن هڪ ٻيو مزور بيمار ٿي پوي ٿو ۽
مري وڃي ٿو. سبب ڇا؟

نيٺ هن پياري کي خبر پوي ٿي تہ ڪوه مان جو پاڻي
نڪري ٿو، اُن ۾ زهر اچي پيو آهي. جهونو ڪوه هو، اُنجي
صفائي ڪيتري وقت کان ڪانہ ٿي، ۽ پاڻيءَ ۾ اَچي زهر
پيو. اِهو پاڻي سندس ٻن مترن پيتو. ٻئي مري ويا.

پيارو پڇتاءُ ڪري ٿو، نئون ڪوه کوٽائي ٿو. اُن نئين
ڪوه جو نرمل پاڻي لوڪ پيئن ٿا ۽ سندن صحت ڀنهي ٿي

اَسانجي حالت بہ اَهڙي آهي. روز پيا پاڻي پيئون
پر اُهو پاڻي جنهن ۾ وڪارن جو زهر آهي. سنت چون
ٿا:- 'نرمل صاف پاڻي پيئو، تنهنڪري اَندر اَندر، دلين
اَندر وڃي نئون ڪوه کوٽايو. دلين ۾ جل آشرم کوليو، نا
جل پيئو!'

ٻڌي ٿو تہ شهر ۾ آيو آهي هڪ پريوءَ جو پيارو. هيءُ نيائي هن سنت کي ملي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ’سائين! مون وديا پڙهي آهي ڪيتري، پر اَجا مونکي مليو ڪجهہ ڪين آهي. مان توهانجي چرنن ۾ آهيان: مونکي قبول ڪريو، مونکي پريو ملايو.‘

سنت چوي ٿو تہ ’پيارا! پنهنجو ڪم ڪر! جي تون ملڻ ٿو چاهين مالڪ کي تہ وڃين تون اَنڌن ۽ منڊن جي شيوا ڪر، پر پيار سان مهنوا ِئين ڪر! پوءِ تون مون وٽ اَچ!‘

هي ودوان اِئين ڪري ٿو. مهنو پورو ٿئي ٿو: پوءِ سنت وٽ اَچي ٿو: سنت جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو ۽ زارون زار روئي ٿو. سنت چوي ٿو: - ’پيارا! تون روئين چو ٿو؟‘

’ودوان چوي ٿو تہ ’سائين! هاڻي مان سمجهان ٿو تہ پريو ملي ٿو پيار ۾!‘ بيشڪ اِها ڳالهہ سچي آهي تہ (If you will know, learn to love!). جي ڄاڻڻ ٿو چاهين تہ وڃي پريوءَ کي پيار ڪر!

مي ٢٩ اِڪ آتم نِتيہ آهہ!

پنهنجي سکيا ۾ شنڪر ٻڌايو تہ گيان ڇا آهہ؟ شنڪر سيکاريو تہ آسپاس جيڪي آهي، سو اَنتيہ آهي، فاني آهہ. نہ بنگلا نہ ماڙيون، نہ روپا نہ سونا، نہ پئسو نہ پدارٿ، نہ مان شان ڪنهن سان بہ قائم آهي. هي جڳہ سارو آهي مٿيا، ڪوڙ، اَنتيہ، ڌوڙ. نتيہ آهي اِڪ آتم. آتم

ويندا شمشان ۾: پر ڏسجو تہ منهنجي سرير تي ۽ سر
جي مٿان، جا چادر هجي، اُن تي لکجو اِڪ نامِ، - ’شيام
’شيام!‘ ’شيام!‘ راڌا کي ڪيڏو نہ پيار شيام واسطي!

مي ٢٦ درد نہ دوُر ڪ

درد دل ۾ جو ڏنو اَٿيئي،
سو درد دلبر نہ دوُر ڪر!
پر درد هن کي حسن وارا!
رحم ۾ پنهنجو نوُر ڪر!
اِن درد مان اَچي روز پيارل!
نينهن نيڻن سين نهار!
تہ ٿيان آنءُ بہ نرمل ڳل ڪمل،
تنهنجي گلشن ۾ ئي گلزار!

مي ٢٧ برهم آهي سانت

پريو، برهم آهي سانت! اُن سان گفتگو ڪرڻ ج
چاهين تہ وڃي ويهہ سانت ۾!

مي ٢٨ چاڻڻ تو چاهين

هڪ هوشيار نيائيءَ جي ڳالھ آهي. وڏو وڏوان آه
بحث ڪرڻ ۾ هوشيار آهہ. سالن ڪانپوءِ ڏسي ٿو تہ ’مونک
مليو تہ ڪجھ ڪين آهي! هيترا سال نياءُ ڪيم، پر چا ٿيو

جون

جون ۱ **حق درشن**

حق درشن آهه گيان جي جوتي،
حق درشن آهه مهر جو موتي!
ملي سو اُن کي جو آهي جگيِاسو،
نيڻن منجهان وهائي نُوري آنسوُ!

جون ۲ **طوفان**

ڏس تون هي طوفان! ڪيڏي نہ سونهن اَتس! طوفان وايومنڊل صاف ڪري ٿو. اَسانجي زندگيءَ ۾ وقت بہ وقت طوفان اَچن ٿا اَسان کي صاف ڪرڻ واسطي! طوفان اَچي تہ ڊپ نہ ڪر، نڪي دلگير ٿي! مشڪلات، تڪليف جو طوفان بہ اَتيئي ستگر جي سوڪڙي. نئڙت ۽ وشواس ۾ اُها سوڪڙي وٺ ۽ طوفان ۾ پنهنجي جيون پوتر ڪر!

جون ۳ **ديپڪ**

پريوءَ سان نہ فقط پيار رک: پر اِيشور جو ڊپ ڪر. هو ڊپ اَتيئي من جو ديپڪ. اِن ديپڪ جي روشنيءَ ۾ پنهنجا ڏوهه ڏسي سگهندين.

کي پڪڙيو، آتم کي ڏٺايو. اِڪ ڏينهن اَوهان جي بہ
آتم شڪتي کلندي. هڪ ڏينهن اَوهان کي بہ ملندو
درشن ديدار! هڪ روشني، هڪ اِسرار اَوهين بہ ڏسندا.
اَوهان مان هڪ هڪ جي اَندر آهي اِها عجيب روشني.
اُها نٿا ڏسو ڇو تہ آهيو پردن جي وچ ۾. جڏهن پردا
پري ٿين، تڏهن جوت چمڪندي ۽ اَوهان کي درشن
ملندو. اِن درشن کي شنکر چيو:- 'گيان'. شل اَسان
کي بہ گيان ملي، اَسانجو بہ بخت کلي ۽ اَسانجو مانکہ
جنم سڦل ٿئي!

مي ۳۰ چمڪندڙ چمن

اِڪ چمڪندڙ چمن، اَٿيئي قدرت ڪل!
اُن بي بقا جي باغ ۾، ٿي اِڪ گلابي گل!
سونهن سچيءَ ۾ ڪل، پوءِ نوُرِي نهار نوُر نوُراني!

مي ۳۱ پڪيءَ ڪان پڇ

سُکہ جي تلاش ۾ آهين پيارا؟ سُکہ اِنسان وٽ ڪٿي
آهہ؟ اِنسان تہ پاڻ کي ڪيو آهي حيوان! وڃ نزديڪ هن
وڻ جي. ڏس تہ وڻ تي هڪ پکي وينو ڳائي! وري وري
پيو ڳائي. وڃي پکيءَ ڪان پڇ تہ سکہ ڪٿي آهي؟ تون
بہ پکي ٿيءُ،- پريوءَ جي پريم جو پکي ۽ جيون جي ورکہ
تي ويهي هري گن ڳاءِ، گوڪل جا گيت، گوبند جا گيت!

تہ ’هي محلات منهنجا! هي دڪان منهنجا! هي گهر
آهن منهنجا!‘
چا تو تئي؟ طوفان لڳي تو. چوي تو تہ ’اَج نہ لڳان
تہ ڪڏهن لڳان؟‘ ڌرتي ڌبي تي ۽ اوچتوئي اوچتو سڀ
گهر ڍهي پون تا. راجا جي چت بہ ڪِري پوي تي.
راجا پاڻ کي ڏسي تو تہ جهنگہ ۾ پيو آهيان. محل
ڪاڏي؟ جيڪو هئہ مئہ ڪري تو، اُنجي حالت اَهڙي
تئي تي! سنتن جي سکيا آهي تہ ’حڪم ۾ هلو! اَيمان
ڇڏيو!‘

جون ٦ شيام جي تصوير

هڪ هڪ ڪم ڪار ۾ شيام جي تصوير چت! لوڪ
ڏسن يا نہ ڏسن، لوڪ ٻڌن يا نہ ٻڌن: پر تون پنهنجي
ڪم ڪار ۾، ڏنڏي وهنوار ۾، پنهنجي سانت ۾ ۽ ڌيان
۾ چت شيام سندر جي تصوير!

جون ٧ شهيد جي ساکي

گرو اَرجن ديو جي جيون چرتر ۾ مان چئن رنگن
جو ميلاپ ڏسان تو:- (١) گرو اَرجن ديو ڪوي هو، (٢)
سنت هو، (٣) اِنتظامي (organiser) هو، ۽ (٤) شهيد هو.
ڪوي هو. تواريخ ۾ وڏا ڪوي تي گذريا آهن، پر ڪي
ٿورا آهن جن بابت چئي سگهجي تہ شاعر بہ آهن ۽

جون ۴ اَمر ميرا

محبت ۾ جي ئي مئا،
نہ تن کي ماري مؤت:
سدا ميرا تہ زنده آهہ،
نہ فنا اُن کي ڪري تو فوت!
دنيا جي ڏؤر ۾ آيا،
اَءِ دل! ڪئين آيا ويا:
نہ تن سان پيت ميرا تون،
اَندر اُن جي پيئا پڌاريا!
رتل ميرا روح ۾ رهي،
نشو نينهن جو سندس من ۾:
وڃي گم ٿي نوري هيءَ دل ديواني،
دوارڪا جي پَن پَن ۾!

جون ۵ هٺ مئہ

هڪ ڏينهن پنهنجي محل جئي ڪڏ تي هڪ راجا بيٺو آهي: اُتان وينو نهاري. محل جي سامهون ڪيترا نہ گهر آهن، ڪهڙا نہ دڪان، ڪهڙا نہ نظارا! ڏسي هي پاٽڪي چوي ٿو:- ’ڪيڏو نہ شهر مون ناهيو آهي! هي دڪان منهنجا! هي گهر منهنجا! ڪهڙا نہ سندر مڪان منهنجي راڄ ۾ نهيا آهن!‘ ويچارو راجا ’هٺ مئہ‘ جي مرض ۾ اچي ويو آهي. وري وري پيو چوي

اَڪيلو ٿي اَندر نهار! جي ڏسين تہ تنهنجي اَندر مشڪي ٿي مشڪ
مرليءَ جي تہ چئہ:- 'مبارڪ! بيشڪ! مرلي مونکي پيئي وڻي هلي
نرمل راه ۾!' روز روز شل اِن راه ۾ هلان، هلندو هلان!
روز روز شل مرليءَ جي مشڪ منهنجي جيون ۾ چمڪي، چمڪي، چمڪندي رهي!
جي مشڪ مون تي چمڪي تہ مونکي پرواه ڪهڙي؟
پوءِ غريبيءَ ۾، تڪليف ۾، هر حالت ۾ مان آهيان شاهن جو شاه:
آهيان آنءُ، دين ٻندوُ! تنهنجو داس! تنهنجو داس!

جون ١٠ ننڍڙو ٿيِ

ننڍڙا ڪئن ٿيون؟ اَمرت ويلي اُٿي، سچي وڏائيءَ جو ڌيان ڪريو. سچي وڏائي اَٿو پيار. پريوءَ جي پيار جو ويچار ڪريو. ڪيئن نہ پاٽيهي اَچي ٿو اَسان پاپين وٽ، پريم جا پيرا پري! ۽ روز روز اَچي اَسان کي آسيس ڏئي ٿو. اها اَٿو سچي وڏائي. سچي وڏائي آهي پيار (True greatness is love). ۽ پريوءَ جي پيار ۾ اَٿو لڪ، پاٽڪي چپائي چپائي، ننڍڙو ٿي اَچي اَسانکي پيار جا پشپ ڏئي ٿو!

سنت بہ آهن. شاعر جي دل ۾ پريم جي لهر زبردسد
آهي، سنت جي جيون ۾ تپسيا، پوترتا جو بہ رنگہ آهي
پريم ۽ پوترتا، سونهن جو درشن ۽ تپسيا يعني اِندري
تي ضابطو، اِهي ٻئي گڏ ڪن ٿورن ۾ ملن ٿا.

تنهن سان گڏ گرو اَرجن ديو آرگنائيزر (organiser) ۽
هڪ اَعليٰ درجي جو هو. سڪن واسطي هن ڇا نہ ڪيو
۽ سڀ کان وڏيڪ گرو اَرجن ديو شهيد ٿيو. جي شاعر
۾ شاعر هو تہ شهيدن ۾ شهيد هو ۽ اُن پياري جي هڪ
ست مان منتر وانگر وري وري اُچاريندو آهيان:- ’نانڪ
داس سدا قرباني!‘

جون ۸ بڪ

اَڄ شيام! پرياتَ پردي ۾ تنهنجي ڪمل چرنن
ويهِي چيم:- ’شيام! بڪيا ڏي هيءَ هڪڙي تہ تنهنجي
حڪم ۾ هلان، هلندو رهان!‘

جون ۹ دين ٻند

پڇيم گروءَ کان:- ’ڇا ڪپي؟‘
گرديو چيو:- ’نرملتا‘.
’نرملتا جي نشاني ڪهڙي؟‘ مون پڇيو.
گرديو چيو:- ’پيارا! نرمل آهين يا نہ اُن جي خ
پوي هيئ

ين وجين. تڪليفون اَچن، مشڪلاتون اَچن، تن سين
، منهنجا سائين! اِڪ منهنجو ساٿي تون! تون پڪارين،
ون چوين:- ’دلگير متان ٿين، مان توسان آهيان! تنهنجا
هر وارا توکي چڏي ڏين، تنهنجا متر مائٽ ڇڏي
ين، پر مان توسان آهيان! مان تنهنجو ساٿي، ڇو تہ
منهنجي شرڻ ورتي آهي. تنهنڪري تنهنجون
ڪليفون منهنجون آهن: مان هميشهہ تنهنجو خدمتگار!‘

ون ١٥ آلاپ

جوئي ڪري تو اُن جو جاپ،
تَنهنجي اَندر آهي آلاپ!
اَندر چولي، آتم ٻولي،
اُن کي ٻڌي، جو آتم کولي!
اُن سياڳي کي سانت وٽي،
سانت ۾ سائينءَ وٽ سواس ڪٽي!

ون ١٦ صورت محل

اَسين پرديسي آهيون: مسافر آهيون قسمت اَچي هت
انکي ڦاسايو آهي. آيا آهيون ڪرشن ڌام مان، صورت
حل مان: پر هت پلجي نج ڌام وساري وينا آهيون.
ن سنسار جي عيش عشرت ۾ اَچي ڪِريا آهيون. اَسانجون
يون اَٽڪيل مايا ۾. شل جڳياسوءَ وانگر اَسين بہ پڪارڻ

جون ١١
وار وار سِر جهڪاءِ

وار وار سِر جهڪاءِ، سنتگر چرنان!
وار وار وٺ ڏوُلِي، تن سنتن پيران!
گرديو چرنن رج، وار وار ڪر اِشنان!
نوُرِي نماڻِي، روئِي دل ڏوئِي، پاءِ پد نروان!

جون ١٢
روُبروُ

سچو سُک آهي پياري جي چرنن ۾! بهار هجي يا سياري جو سيءُ هجي، سچو سُک تڏهن ملي جڏهن اَسين رهون پنهنجي پياري جي روُبروُ!

جون ١٣
آرتِي

اَننت لوڪن جا اَءِ ناٿا! ڪَرَ جوڙ ڪر چرنن
تنهنجي اَچِي بيهان!
نوُرِي در جي داسي، درشن لئہ پياسي،
تنهنجو گنگا جل شل روز پيئان!
جيہ جيہ جيہ، جڳديش هري!

جون ١٤
ساٿِي

شرن ورتِي اَٿم تنهنجي؛ تنهنڪري تون منهنجو ساٿِي آهين،- جنم جنم ۾ منهنجو ساٿي تون. سنسار وساري، تون نا وسارين! دوست متر هليا وڃن: تون هلي

سوئِي گياني پرکہ سڄاڻ،
سوئِي گرو اَمولڪ ڄاڻ!
گرو چرنن نوُري ٻلهاري،
جن هٽِي ڪتارِي ممتا مارِي!

پاپ ڪان پري

جون ١٨

پاپ ڪان پري آهہ آتم: دکہ ۽ ڪال ۽ ناس ڪان مٿي آهہ آتم. ڪپي ڪين آتم کي پاڻِي يا مانيِ. اِن آتم جي کوج ڪر! کوج ڪري آتم کي اَندر ۾ پاءِ ۽ سين پراڻين ۾، وِشوَ ساري ۾ پاءِ!

سياڻو ڪير؟

جون ١٩

اِڪ سنت کان پڇن تا:- 'پريوءَ کي ڪئن پيار ڪريون؟'

سنت چويٿو:- جئن ماتا پنهنجي ٻالڪ کي پالئي، تئن جو پريوءَ کي ڏيائي، سو سياڻو! جئن پتورتا اِستري پنهنجي گهوٽ کي پيار ڏئي، ئن جو هردي اَندر نام ڳائي، سو سياڻو! جئن دنيوي ماڻهو سنساري پدارٿن کي چنبڙي پوي ٿو، چڏي نٿو، تئن جو نام کي چنبڙي پوي ٿو، سوئي پنهنجِي جيون اَڏي ٿو. سو سياڻو!

سڪون:- ’شيام! دل اَسانجي ڪسي وٺ تون: هن عي
عشرت منجهان اَچي ڪس تون اَسانکي پنهنجي حير
۾! ڪنهن ستپرش جو سنگ ڏي! ڪنهن لاهوتي لال ج
چرنن ۾ وهار! ڪنهن پنهنجي پياري ڀڳت، سنت سڄ
جي ڪمل چرنن ۾ قابو ڪر! ڪنهن پنهنجي پيار
جي شيوا ۾ رک تون، جنهنجي دل گوپيءَ جي دل
پريميءَ جي دل،- جنهن جي دل اَندر درد فراق ج
اَندر آڪيڙو جنهن پنهنجو اَڏيو آهه، سپريان جو سُور جنه
جي اکين ۾ ۽ اکرن ۾ آهه. ۽ جنهن محبت جو شرا
پُر پيتو آهي، ’پاڻ‘ ڪان جنهن پاسو ڪيو آهه ۽ لولي
تي ويو آهه جو تنهنجي ڪمل چرنن ۾. شيام! ش
تون ٻار! شيام! شمع تون ٻار!‘

جون ١٧ ٻلهار

جو گوبند جا پيو گڻ ڳائي،
سنگ وهاري نام جپائي!
گيان ڀنڊاري، آنند داتا،
جو پيار پيئاري جئن جنني ماتا!
جو وڇ مايا راهه بتاوي:
ڪشت ڪليش ۾ نيري آوي!
دل جنهن جي آهي پاڪ،
جو پاپين جي به قدمن خاڪ!

دنيا جو مان شان، مزا ملڪيت سڀ فاني!
دنيا اَٿيئي ڪيل: اُن ڪيل ۾ ملو!
ملو محبت ۾، پيار ۾! رونا ڪيا؟ سونا ڪيا؟
ڪرو تياري! ڪرو تياري!
پوءِ موڪلائو خدا حافظ! خدا حافظ!
ڏيئي اِڪ نهاري! اِڪ نهاري!

جون ٢٣
بار
ڪندين ڇا تون پيارا! ڪٽي وديا جو هيڏو بار؟
رکہ پستڪ پرچا خاڪ ۾، اُٿ! جاڳ! وٺ سنتن
جي نهار!

جون ٢٤
ٻيڙي

وڏو تنهنجو پاڻي،
منهنجي ٻيڙي نماڻي!
اَتم صدق سائين!
تون رکپال آهين!

ون ٢٥
جيون جي روشني
آتما اَٿيئي جيون جي روشني. جهلي بيهہ: متان
ائين!

جون ٢٠
سنت سجا

كيڏي نہ كرپا كئي توتي توتي،
كنهن سنت سجان
سهجہ مليئہ هي مانكہ چولو، چمكئين ٿي اِنسان
تہ جاڳہ! پياري! جاڳہ! نہ سونو وقت وڃاءِ!
اِڪ نرمل نام آ! ڳائي ڳائي، پريتم كي تون
نوُرِي پاءِ

جون ٢١
نقط

هڪ زنده جوت هڪ هڪ جي دل جي كوٺڙيءَ اَند
آهي. ڌيان ۾ وهو، پر ڌيان اَجا سڦل نہ ٿيو آهي، جيستائين
توهين اِن كوٺيءَ جي اَندر نہ ويا آهيو. كوٺي بہ نہ آهي
پر اِڪ كنڌ جي كنڊ آهي، اِڪ ننڍڙي point، جنهنكي
صوفي چون 'نقطو'. ڏسو، نقطو توهين لكو سنڌي بوليءَ ۾
تہ ڇڻ جڳهہ والاري ئي كونہ. اَوهان مان هڪ هڪ جي
اَندر آهي اِهو نقطو، جوت جو نقطو، روشنيءَ جو نقطو، ج
اَنئي پهر پيو ٻري. جيستائين اَوهان اِن جو درشن نہ كي
آهي، تيستائين اَوهانجو ڌيان سڦل نہ ٿيو آهي.

جون ٢٢
بہ منت

بہ منت! تن ۾ وڃي پيو هڪ گهنڊ!
چلو! پياري! چلو! چلو

ون ٢٩ گيان ڇا آهه؟

گيان ڪا اکرن جي ڳالهه ڪانهي. گيان آهي درشن
ڻ، ديدار پائڻ سروپ جو. جنهن گيان ورتو آهي، سو
ڏانهن هوڏانهن نهاري، ڏسي ٿو اِڪ سروپ! تو ۾ ۽
ن ۾، سڀن ۾، اِڪ جوتي جانب جي پيئي ٻري. اِن
تيءَ جو درشن جو ڪري ٿو، اُن کي گيان مليو آهي.

ون ٣٠ سهاڳڻ

هڪ ٻالڪي هڪ ڏينهن ڊوڙندي آئي ۽ مون کان
ڇيائين:- ’ماں سهاڳڻ ڪئن ٿيان؟‘

مون چيومانس:- ’ڏينهن شروع ڪر نام سان. ننڊ
اُٿي پهريون اکر چئه ’نام‘، ’رام‘ يا ’شيام!‘ ڏينهن
و ٿئي، رات جو ننڊ ڪرڻ وڃين، اُن وقت به نام کي
ڪر! پوءِ بيشڪ تون سڀاڳي، تون سهاڳڻ!‘

جون ٢٦ ستگر دا

منهنجو پتا تون، منهنجي ماتا،
ڪين سچاٽان ڪي بيا ناتا!
متر منهنجو اِڪ تون ئي آهين،
ستگر دادا منهنجو سائين!
سد سد تون ئي آهين ديال،
ڪيتر ۾ اِڪ تون ئي رکپال!
چنتا گئي سڀ آج هماري،
نُوري سڦل ٿي جيون ساري!

جون ٢٧ مندر

مندر ۾ اِئين ويهه جو نه مندر پسين، نه مندر ۾ پوڄاري
فقط اِڪ محبوب!

جون ٢٨ دک جو ڪار

اَسانجي دک جو ڪارڻ هِي آهه ته اَسين حڪم
قبوليون. حڪم اَچي ٿو، پر اَسين حڪم کان پڄڻ ج
ڪوشش ڪريون ٿا. حڪم ته مٺو آهي ضرور به ضر
پوءِ چو نه حڪم کي بنا رنج مڃون ۽ چئون ته 'هي
منهنجي ڀلي واسطي آهي!'

جولاءِ ٤ **شيام جي ليلا**

متان وسارين جڳہ سارو، اِڪ قرب ڪٽي مان آهہ
تيو نروار!
ڇم ڇم ڪن تيون نديون ساگرا، اِڪ شيام جي
ليلا آهہ سگل سنسار!

جولاءِ ٥ **ڇا لئہ؟**

رتن گيان جو اَءِ مورکہ! ڦٽو ڪري، ڇا لاءِ پيو ڦيريون پائين؟ ڪوڏيءَ ڪاتر پيو مانکہ جنم گنوائين! هي جنم اَمولڪہ ڇا لئہ تو وڃائين؟ ڇو نہ اَچي تو هري شرڻ تون پائين؟ ڇڏ، نہ تو گوبند گڻ تون ڳائين؟ اَيمان ڇڏي، موه مايا ڇڏي، نام سمرن ۾ ڇو نہ تو چت لڳائين؟ سمجهہ ميري منا!

جولاءِ ٦ **آهوتي**

سرشٽي ڪيئن وجود ۾ آئي؟ پريوءَ پنهنجو پاڻ، پنهنجي 'آتما' آهوتي ڪئي. هڪ هڪ اَڻوءَ (atom) جي اَندر پريوءَ پنهنجي شڪتي ڦوڪي: ۽ هن وقت سڄيءَ سرشٽيءَ جي اَندر پريو براجمان آهي. پريوءَ پاڻ 'يگيہ' ڪيو تڏهن تہ قدرت، سرشٽيءَ جي هڪ هڪ اَڻوءَ (atom) اَندر اِڪ 'شڪتي' آهہ ۽ سرشٽيءَ جي نظارن ۾ اِڪ سونهن آهہ، اِڪ عجيب ڇڪڻ جي طاقت، جا اَسانکي 'مايا' جو کيل، 'ليلا' پيئي ڏيکاري.

جولاءِ

جولاءِ ١ سوگھو جـ

سوگھو جهل مون سڀا جهل سائين!
ڇو نہ تو مونتي مهر رنگہ لڳائين؟
رڻ پٽ ۾ منهنجو هڪ تون ئي آهين!
دنيا نوُرِي آهہ دوکي بازِي!

جولاءِ ٢ نام ند

پيار ئي شياما، ڪرشن مرارِي!
پيار ئي جوت ڏام اَوتاري!
پيار ئي پرميشور جيِ ڀڳتِي،
پيار ئي جيون نرمل شڪتِي!
پيار ئي گنگا، تيرٿ دان،
پيار ئي يگيہ ۽ اَحسان!
پيار ئي گيتا گرنٿا گيان،
پيار ئي نوُرِي نام نڌان!

جولاءِ ٣ پد نرو

ڪر ڏيان،
پاءِ پد نروان!

هڪ پتو، نيلي رنگ وارو ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. جئن پتا وچن ڪلندا، تئن اُنجو اَندر بہ وچي ڪلندو. نرمل پيار ڪلي ٿو، تڏهن جگياسوءَ جو اَندروني سنبند ٿئي ٿو گروءَ سان، ۽ گروءَ کي اَندر پسي ٿو. اَسين پيا چئون تہ ’گرو ڪٿي؟‘ هردي جي اَندر جڏهن پيار اِيندو، تڏهن ڪمل گل کلندو ۽ گرو اَچي پاڻيهي ملندو.

جولاءِ ۱۰ معرفت جي ماڻ

جي معرفت جي ماڻ ويا،
سڪ سيج تي سي ڪين سمهيا!
ويهي وقت نہ تن وڃايو،
اَندر تن جي اِسراري آيو!
معرفت جي ماڻ ويا،
ڪنڌ ڪلهن تان تن ڪپيا!
نُوري نمائي سي عاشق ٿيا،
مهر جي لهر ۾ گم رهيا!

جولاءِ ۱۱ ٽِبي ڏي

اَپياس ضروري آهي. پنهنجا نيم ڪندو رهہ. پنهنجا نيم پالن ڪر وري وري. هڪ ٽبيءَ سان توکي موتي نہ ملندو. ساگر ۾ ڏي ٽبي وري وري. وڃ اونهائيءَ ۾: سمنڊ اَندر لکل اَٿيئي موتي بيشمار. دلگير نہ ٿي: اَپياس ڪندو رهہ. ٽبيءَ پٺيان ٽبي ڏي. هڪ ڏينهن ضرور توتي بہ ڪرپا ٿيندي،

تنهنڪري پيارا! تون بہ ’پاڻ‘ کي ڪر آهوتي پريوءَ
جي ڪمل چرنن ۾!

جولاءِ ۷
نالو ڪهڙو؟

پريوءَ جي هڪ پياري حضرت موسيٰ جي يادگيري
مونکي اَچي ٿي . پهاڙ تي ڏسي ٿو هڪ ٻوٽي. پهاڙ تي
موسيٰ چڙهي ٿو. اُن ٻوٽيءَ ۾ هڪ جوت ڏسي ٿو؛ ۽ سوال
پڇي ٿو ۽ اُن کي جواب اَچي ٿو . هيءُ پريوءَ جو پيارو
پڇي ٿو:- ’سائين! مان لوڪن کي ڇا وڃي چوان؟ اَوهانجو
نالو ڪهڙو وڃي ٻڌايان؟‘ تڏهن اِهو آواز، جو هن ننڍڙي
ٻوٽيءَ مان اَچي ٿو، سو هنکي چوي ٿو:- وڃي ڇئہ تون
لوڪن کي: مونکي موڪليو آهي اُن، جو چوي ٿو تہ ’مان
جيڪي آهيان سو آهيان: (I am that I am). اُهو آهہ ست!
پريو آهي ست: جيڪي آهيان سو آهيان!‘ شل تون بہ پيارا!
سچ ۾ رهين ۽ روز روز سچ جو ڏيان هردي اَندر ڪرين!

جولاءِ ۸
نام جل

سائين! ڏي معافي، مئن ڪن ڪن ڀوُلٽهار!
پنهنجي مهر ۾ نوُريءَ کي پنهنجو نام جل پيئار!

جولاءِ ۹
ڪنول گل

جڏهن نرمل پيار کلي ٿو، تڏهن دل جو ڪنول گل کليٿو.
ڪنول گل جا سوني رنگہ جا پتا ڏسڻ ۾ اَچن ٿا ۽ وچ ۾

ويچار رکہ سنتن جي چرنن ۾. اَڪيلو، پيارا! تون ڪيترو نہ پتڪيو آهين! تنهنڪري تنهنجي حالت هيءَ ٿي آهي. اَڪيلو، اَڪيلو پتڪي پيو پڪارين:- ’پريو ڪٿي؟ پريو ڪٿي؟‘ پيارا! پريو تہ جيڪر ڏسين سنتن جي سنگہ ۾! شنڪائون توکي اَچن، بيشڪ: سڀ شنڪائون سچي پاوَ ۾ وڃي رکہ سنتن جي چرنن ۾!

جولاءِ ١٥ آزماءِ

دنيا کي آزمايو اَٿيئي: هاڻي اِيشور کي بہ آزماءِ! دنيا جي سنگہ ۾ رهي ڇا مليو اَٿيئي؟ دکہ، چنتا ۽ روڳہ. هاڻ سنگہ ڪر ستگر جو: سندس سنمکہ ٿي رهہ: پوءِ ڏس تہ توکي ڇا ٿو ملي؟

جولاءِ ١٦ وحدت جا نظارا

ٻُڌين ڪين تو، پل پل، اَءِ پيارا!
وڄن جي پيا وحدت جا نغارا؟

جولاءِ ١٧ ڪيرتن

ڪيرتن ۾ پاڻ وساري ڇڏجي ٿو. سنتن ۽ ستپرکن جو هڪ مکيہ آواز آهي:- ’پاڻ وسار!‘ اکر سڀ وسار، اُپديش سڀ وسار: پيو سڀ ڪجهہ وسار، پر شل رام نام نہ وسارين! دل جي اَندر، وچ دل مندر اِڪ نام ڳاءِ، اِڪ نام اُچار، اِڪ نام پڪار:- ’هري شيام، هري شيام، شيام شيام هري هري!‘

هڪ ڏينهن توکي بہ ملندا موتي، مهر جا موتي!

جولاءِ ١٢

پلي نا ببيھ

پلي نا ببيھ بزار ۾، مُورکہ تي اَچاڻ!
نہ طاقت بنا تون آهين، پنهنجو پاڻ پڇاڻ!
اُبتيون کر هي اکڙيون تون، ڏس اَندر صوُرت سبحان!
اُٿ جاڳہ پياري! اُٿ جاڳہ! ڇڏي سڀ شڪ گمان!
ڏس صورت جو سلطان، نوُرِي هڪ هڪ مکان ۾!

جولاءِ ١٣

بند پڃري ۾

آتما ڇا آهي؟ سرير ڇا آهہ؟ سرير کان اَڳي آتما هو. سرير کانپوءِ بہ آتما زنده رهي ٿو. سرير هڪ پڃرو آهي، جنهن ۾ آتما اَچي بند ٿئي ٿو، تنهنڪري پنهنجو اَندر پوريءَ طرح نٿو کولي.

پکيئڙو آهين تون، اَءِ آتما! بند پڃري ۾! کڏهن پَرَ کولي تون آزاديءَ ۾ اُڏامندين؟ کڏهن؟ کڏهن؟

جولاءِ ١٤

سنتن جي چرنن ۾

ويچار کر، پيارا! پر سنتن سان گڏجي ويچار کر! تون اَڪيلو ويچار کرين ٿو، تنهنڪري دکي آهين ۽ پيو پٽڪين. ويچار کر پر سنتن سان گڏجي. سنتن جي ڪمل چرنن ۾ ويهي ويچار کر! پنهنجون شنڪائون، پنهنجا

جولاءِ ٢٢ باندر

من آهي باندر مثل، سدائين چنچل: وري وري پيو پتڪي. نانگہ جو ڏنگہ آهي ڀوڳہ، عيش عشرت جو ڏنگہ. اُنهيءَ ڏنگہ جي دوا آهي يادگيري پريوءَ جي. گرو اَرجن ديو جن چون ٿا:-

’سمرءُ سمر سمر سک پاوءُ.‘

سيني سنتن جي سکيا اِها هڪ آهي. لفظ جدا جدا، پر روشني منجهن اِها هڪڙي آهي:- ’رک پيارا! پنهنجي پريتم جي يادگيري!‘

جولاءِ ٢٣ اِڪ راڳہ

هيءَ زندگي اَٿيئي اِڪ باغ:
اُن ۾ ٻڌين ٿل هڪ راڳہ:-
بلبليون وينيون ڳائن:
گلن کي پييون ريجهائين!
وڃي تون ٻہ ٿِي اِڪ نماڻو گل:
هڪ ڏينهن پريتم کي نُوري مِل!

جولاءِ ٢٤ منهنجي ذات

لوه تہ منهنجي ذات آهہ، پر پارس ٻہ تہ پري ناه: سو پارس آهہ نام، ستنام، رام نام، شيام نام! اُن پارس ۾ منهنجي اُميد آهہ، منهنجو آسرو، منهنجي طاقت، منهنجو آڌار!

جولاءِ ١٨
شمشير

چَپ چُپ ڪر: پاڪ نوُر سين نهار:
فضل جي شمشير سين، ڪام ويريءَ کي مار!
تہ وچ ويران سنسار، گلزار ٿين، گل پائين!

جولاءِ ١٩
چڪور

رگهونات، روپم ۽ سناتنم جي اَندر ڪيڏي نہ اوُنهي اُڪير اُتي سنت چئتنيہ لئہ: پياري اَنگد جي اَندر اُتي اوُنهي پياس گرو نانڪ لئہ: ۽ گرو اَمرداس جي دل اَندر اُتپن ٿي سڪ سچي گرو اَنگد لاءِ: سنت ڌرمداس کي بہ ڪيڏي نہ اوُنهي پياس اُتي سنت ڪبير لئہ! شل اَسين بہ پياسي ٿيون، چڪور وانگر ۽ گروءَ لئہ نهاريون، پڪاريون، ڳوڙها ڳاڙيون، پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريون!

جولاءِ ٢٠
کهڙو مڪان؟

پڇيم:- 'کهڙو مڪان آهہ، جت سلامت رهان؟'
آواز آيو، جنهن چيو:- 'شيام جي ڪمل چرنن ۾!'

جولاءِ ٢١
ڪبوترِي

ڪبوتري آهيان، نا ڇڏجانءِ،
عشق پنهنجي ۾ نوُري اَڏجانءِ!
آکيڙو اَڏيان تنهنجي اکڙين ۾!

ڪن اِڪ وار جي اوُمهر، تہ صورت ۾ سمايل هون!

ولاءِ ٢٨ وٺ اوٽ

اَکين تي پٽيون، آ! ڪِرن پيا ويچارا:
لڙهندا وڃن پيا، ويڳاڻا وڻجارا!
ڪوڏيءَ ڪاتر وڃائن، هٿن مان ڏاهيرا،
چوراسي چڪر ۾، سهن ڪال پيڙا!
ڪٿي ڪير، آ! ڪير، جم جيِ تہ ڦاسيِ؟
وڃي نوُريِ وٺ اوٽ، تہ پائين اَلکہ اَبناسيِ!

ولاءِ ٢٩ ڌيان شڪتيِ

ڌيان ڪرڻ سِکہ: ڌيان شڪتي ڪول! ڏس تہ من چنچل
ئن نہ پيو رُلي، پنڪي ۽ وري وري هلاڪہ ڪري! ضروري
هي تہ اَندر نرمل ٿئي، صاف ٿئي: تنهنڪري روز اُڌ
ڪلاڪ سانت ۾ ويهي ويچار ڪر، ڌيان ڪر تہ جئن آهستي
ستي تنهنجا وڪار هليا وڃن!

ولاءِ ٣٠ گل گلابيِ

سنگہ سوُنهاري سنتن جيِ، ٿيءُ گرمکہ گل گلابيِ:
خوشبوءِ ڏيئي رنگہ رچي، گن ڳاءِ جئن ربابيِ:
صدق سچي ۾ صاف ٿيِ، پاءِ نوُري دل جيِ چابيِ:
پُن پاپ جيِ جلائي حسابيِ، ڏس جَڳت اِڪ جوت ۾!

جولاءِ ٢٥
سڪاوتي

جنگ ميدان آهي. هيءَ دنيا: ڪٿي وشرام ملي؟ جت نرمل پيار پيو وسي، اُت پريوءَ جو گهر آهي: جنهن هنڌ پيار جون لهرون پيون اُٿن، اُهو آهي پريوءَ جو گهر. گوتم بڌ اُن کي ڪوني تو 'سڪاوتي'. گوتم چيو:- 'اَءِ لوڪو! ننڊ ۾ آهيو، غفلت ۾ آهيو. جاڳو! جاڳو! اَوهانجو ڌام آهي سک ڌام. اُن سڪاوتيءَ ۾ اَچو!'

جولاءِ ٢٦
آراڌنا

اِڪ اُپنشد ۾ رشي آراڌنا ڪري ٿو هن طرح:-

'شل منهنجي لڳ لڳ ۾ سانت اَچي!

'شل منهنجا اکر، منهنجا پران، منهنجون اکيون، منهنجا ڪن گوڙ کان پري رهن!

'شل مان ڪڏهن پريوءَ جو اِنڪار نہ ڪريان ۽ شل پريو نہ ڪڏهن منهنجو اِنڪار ڪري!

'هن سان رهان مان ۽ مون سان رهي هوُ هميشه!

'شل گڏجي گڏجي وقت گذاريون ۽ شل اِڪ ڏينهن منهنجي دل اَندر نرمل سچ چمڪي، چمڪي، چمڪندو رهي!'

جولاءِ ٢٧
مرشد ڪامل ڪي در پر

مرشد ڪامل ڪي در پر، اَب وياڪل هون،
اَب وياڪل هون:

آگسٽ

گسٽ ۱ **محبوب جي صورت ۾**

گم تِي درد وندن جي دل ۾،
پوءِ ڏس تون پيارا! پيارا!
ويکھ! ويکھ! هي سارا نظارا!
اِڪ محبوب جي صورت ۾!
نهار! نهار! ڏس عجب هي اِسرارا!
گم تي وڃاءِ سانت ۾، نام جا نغارا:
پوءِ گم تي ديکھ صوُرت تون پنهنجي
اِڪ محبوب جي صورت ۾!

ست ۲ **دل جو ڪتاب**

آهين تون اَصل اَلکھ جو،
دل جو ڪتاب ڪافِي!

ست ۳ **اکڙيان کول**

اَول سڃاڻج صورت پنهنجي،
بي سڀ صورت پوءِ پيارا!

جولاءِ ٣١ نج گهـ

نج گهر جو در آهي ست سنگ. ڪنهن نہ ڪنهن ستپر
جي حاضريءَ ۾ وهڻ وقت توکي پروڙ پوندي تہ زندگي
جو سک ڇا ۾ آهي؟ اِن گهر جي اِڪ نشاني هيءَ اَتيئي
تہ 'اُت ستنام پيو وسي.' اُت سنتن جي ٻاڻي ڪيڏي
اُتساه سان ڳائين ٿا! اُت آهي ڪيرتن:- 'هري بول! هري
بول!' يا 'هري رام، هري رام، رام رام هري هري
تنهنڪري پيارا! روز روز وڃي ويهہ ست سنگ ۾!

آگسٽ ٥ **اَڳتي هلو**

هڪ ڳوٺ ۾ ويس. ٻڌم ته شام جو اُت ست سنگ ٿئي ٿو. اُت لنگهي ويس. ستسنگ ڪنهن ويني هلايو؟ اِڪ نماڻي ٿوناٽي. گهڻو پڙهيل ڪين هو. سندس ڪپڙا سادا، سندس جيون نرمل، سندس اکين ۾ جڻ ته اِسرار پئي چمڪيو. اکر ٿورا هئس، پر ڏاڍا مِٺا. چيائين هن طرح:-

'ٻنيءَ ۾ اَوهين جڏهن هَر ڪاهڻ چاهيو ۽ هَر ۾ هٿ وجهو ته وري پٺتي نه نهاريو! ڪنهن به شيءِ ڪم ۾ هٿ وجهو ته پٺتي نه نهاريو. اَوهين هميشه اڳتي نهاريو! اِيشور ملڻ چاهيو ٿا ته اُن اِيشور کي ئي ڌيان ۾ رکو! اڳتي نهاريو، نه پٺتي. نه پنهنجي پاپن گناهن کي ياد ڪريو، هميشه رکو ياد ته اُن سائينءَ جي ديا اَپار آهي. اڳتي هلو، اڳتي هلو!'

آگسٽ ٦ **سِڪ**

چاڙهيءَ مٿي چڙهڻ ٿو چاهين؟ نئڙت سِڪ!
شيوڪ ٿيڻ ٿو چاهين؟ سچائي سِڪ!
نرمل سُک آنند ٿو چاهين؟ شانتي سِڪ!
دنيا جي دؤر ۾ رنج بنا رهڻ ٿو چاهين؟ صبر سِڪ!
ڌيان ڪرڻ ٿو چاهين؟ دل صاف رکُ!
ست سنگ ڪمائڻ ٿو چاهين؟ صدق سِڪ!
سياڻو ٿيڻ ٿو چاهين؟ ڌيرج سِڪ!
دربار ۾ قبول پوڻ ٿو چاهين؟ خدا جو خوف سِڪ!

ڳهوٽ تہ تنهنجي گهر ۾ آيو،
اکڙيان کول ڪر ديکہ ديدا

آگسٽ ۴ گروءَ شش

اِڪ سندر شلوڪ ۾ سنت ڪبير سڪيا ڏئي ٿو هن طرح

عجيب هڪ ورکہ آهي:
نهاري جو چاهي!
بينو آهي بنا پاڙ،
سُونهن اُن جي آ! اَپار!
نہ شاخون اَٿس، نہ پتا،
اَٿس ميوا رنگہ رتا!
اِهو ورکہ جڻن گل ڪمل،
چمڪي چمڪي اَندر دل!
اُن وڻ تي وينا آهن:
بہ پکي وينا ڳائن،-
اِڪ گروُ: اِڪ جو نوُر!
بيو شش، جو ناهي دوُر!
جيون ميوا وينو کائي،
جو شش گروُ جو آهي!
گروءَ تہ وينو کيس نهاري:
اکر اِڪ بہ ڪين اُچاري!

ـمتي آهي. جيئن پيو وڏيڪ پريوءَ جا ڳڻ جاچيان،
ـنئن پيو چوان تہ شل وڏيڪ سانت ۾ وهان.'

آگست ۹ پرم پد

(۱) سنگہ، (۲) سانت ۽ (۳) شيوا!
اهي ٽي ڳالهيون ڪماءِ تہ ٽين سياڳو: پرم
ـد پوءِ تون پاءِ!

ـگست ۱۰ نام نواسي

جيون ۾ اَءِ جادوگر! ڪو جادو لڳاءِ!
دن رات سڄڻا! ٻاجھہ ٻاٽي سڻاءِ!
تنهنجي قدرت جو آنءُ تير تواسي،
تنهنجي سنتن در آنءُ دم دم داسي؛
روز رحم ۾ رکہ نُوري اَنترواسي!
مهر نظر نهارين تہ ٿيان نام نواسي!

ـست ۱۱ مارئي

اَوهان مان اِڪ اِڪ آهي مارئي. اَوهان مان اِڪ اِڪ
سونهن وارو. ڪهڙي ملڪ مان آيا آهيو؟ وسري ويو
هت بنديخاني ۾ قيد آهيو: پوءِ اِئين آهي نہ تہ
ـهن ڪڏهن دل اَندر پياس اُٿي ٿي تہ 'ڪو اَسانکي
ـهلي وطن پنهنجي.' پر هن قيد کان ڪير ڇڏائي؟

آگسٽ ٧ روح جو وشر

اَتم پياس پايان اُهو پاڪ نرمل ڏام،
جت اَنئي پهر وجي بنسري، ڳائي هڪ اکر
’شيام

منهنجي روح جو وشرام،
آهي نوُرِي اُتي ڪمل چرنن

آگسٽ ٨ پريو ڇا آه

هڪ فيلسوف جي ڳالهه آهي. وڏو ودوان هو. تان
بادشاه جي ڪن تائين هنجي ساراه وڃي پهتي! بادش
اُن کي گهرائي چويس ٿو تہ ’ودوان! مون تنهنجي هي
ساراهہ ٻڌي آهي: مونکي ٻڌاءِ تہ پريو ڇا آهي؟‘

تڏهن فيلسوف چوي ٿو تہ ’سائين! مونکي هڪ ڏي
ڏيو تہ مان پريوءَ جي گڻن جي ياداشت ناهيان، پوءِ سي
اَوهان کي ٻڌايان.‘

٢٤ ڪلاڪ پورا ٿين ٿا. ٻئي ڏينهن ودوان اَچي
۽ راجا ساڳيو سوال پڇي ٿو: پر ودوان چويٿو:- ’سائ
هڪ ڏينهن وڌيڪ ڏيو.‘

راجا چويٿو:- ’ڇڱو هڪ ڏينهن توکي وڌيڪ ڏيا
ٽئين ڏينهن ودوان اَچي ٿو ۽ راجا چوي ٿو:
فيلسوف! اَسانکي سائينءَ جا گڻ سڻاءِ!‘

تڏهن فيلسوف چوي ٿو تہ ’راجن! پريو ذڪر

آگسٽ ۱۵ سوراج

جي سچي آزادي تو چاهين، تہ ڪر حڪمراني پاڻ تي! سوراج ڇا آهہ؟ پاڻتي ضابطوءَ پاڻ ۾ وشواس رکڻ! آتم شڪتيءَ بنا سچو سوراج ڪڏهن نہ اَستاپن ٿي سگهي!

آگسٽ ۱٦ سينا ۾

سپاهي ٿي ستگر جي سينا ۾! جيون آهي جنگہ ميدان! جيون مليو آهي ڪم ڪرڻ واسطي! هٿ ۾ نام جهنڊو جهل ۽ ميدان ۾ سپاهي ٿي اَچي بيهہ. سختيون اَچن، تڪليفون اَچن، ڦٽ ٿين، پر جهنڊي کي نہ ڇڏ! هڪ پرارٿنا روز روز ڪر:- 'ستگر سائين! شل تنهنجو سچو سپاهي ٿيان، تنهنجي حڪم ۾ هلان ۽ اِئين اَچي تو ملان! اِڪ تو ۾ ڪلان!'

آگسٽ ۱۷ مايا جي مستي

اَڪڙيان ڪول! ڪول! مايا جي مستي
ڇوڙ! ڇوڙ!
ويهي سانت ۾، حال اَندر جو، پنهنجي
حاڪم سين تون اور! اور!

آگسٽ ۱۸ رانديگر

'سنت' ڪير؟ 'س' + 'اَنت'، 'سو جو اَندر ۾ نواس ڪري.' باهر جي گوڙ شور ڪان پري رهي، اَندر نواس

آگسٽ ۱۲ بي نا

ڏينهن رات، صبوح شام،
شل پڪاريان ور ور اِڪ نام:-
’شيام! شيام! رام! رام!
ياد ڪريان ستنام! ست ڌام!
اُت آهہ هن جيون جو وشرام!
اُت چمڪي جو آه لامڪان، بي نام! بي نام!

آگسٽ ۱۳ اِڪ پر

اِڪ پردو اَتو فقط اَسانجي ۽ اَسانجي محبوب
وچ ۾. ڏسون نٿا پنهنجي سائينءَ کي چو تہ اِڪ پردو آه
اِهو پردو اَتو خودي، آپو، مان مان، اَهنڪار . اِهو پ
تئي دور تہ اَچي اِڪ اِڪ جي اَندر چمڪي نوُر، نوُر
نوُر!

آگسٽ ۱۴ هوُ! هوُ!

پريوءَ لاءِ هڪ نالو آهي ’سوهم‘. اُن مان ’اَهم‘، ’
ڪپيو تہ باقي بچيو ’سو‘، ’اوُ‘، ’هوُ! هوُ!‘ جو پنه
’اَهم‘ وڃائي ٿو، خودي سڀ جلائي ٿو، اُهو ڏسي
آهي اِڪ ’اوُ!‘ ’اوُ!‘ ’اوُ!‘ خودي وڃاءِ، خدا کي پاءِ!

وري غائب ٿي وڃي ٿي. آهستي آهستي اِها جوت ٽڪي ٿي ۽ وڏيڪ تکي ٿئي ٿي ۽ جدا جدا روپن ۾ چمڪي ٿي، - ڪڏهن آتش وانگر، ڪڏهن تارن وانگر، ڪڏهن چنڊ وانگر، ڪڏهن سج وانگر. جئن وقت وڃي گذرندو، تئن اِها اَندر جي جوت وڃي وڌندي. هڪ ڏينهن تہ سج کان بہ وڌيڪ پيئي چمڪي.

اِنهيءَ اَندر جي جوت جي هڪ نشاني هيءَ آهہ تہ دل ۾ عجيب آنند جي لهر اُٿي ٿي. پوءِ پسين تون دل ۾ شيام، دل کان ٻاهر، قدرت ۾ بہ اِڪ اِسرار، - شيام!

آگسٽ ٢١ زبان سان

زبان سان هري گن اِئين ڳاءِ، جو تنهنجي دل ۽ تنهنجي زندگي زبان جي ساکي ڏين!

آگسٽ ٢٢ اَکيون ڪول

اکيون ڪول پيارا! تہ توکي پروڙ پوي تہ ڪئن نہ روز روز هن سرشٽيءَ اَندر پيئي ٿئي آرتي! روز روز پشپن سان ۽ گلن سان ۽ ڏيان جي ڌوپ سان پوڄا پيئي ٿئي! ن آرتيءَ ۾ شامل ٿيءُ! اَفسوس! تون ڪوُڙ ڪپٽ ۾ شامل ين ٿو: پنهنجي درشٽي ڪول، ۽ نهار تہ سرشٽيءَ ۾ اَٺ ي پهر، دن رات، پيئي پوڄا ٿئي!

ڪري. سنت آهه اَنتر واسي، نام نواسي. اَندر وچي سنت
چا ڪري؟ اَندر نواس ڪري سنت چا ڪري؟ پنهنجي
پريتم سان ويهي اَندر ڪيلي، اَندر ويهِي ويهِي پنهنجي
پريتم سان راند ڪري. سچو سنت آهي اِڪ رانديگر.
اَسين سنسار سان راند ڪريون: پر سنت پنهنجي پريتم
سان راند ڪري. سچو سنت سو، جو ڪيلي، اَندر ڪيلي.

آگسٽ ١٩

سونِي ڪنجي

ڪجھ سال ٿيا ته اِنگلنڊ ۾ هڪ شهر تي بمبازي ٿي.
اُنجو نالو شفيلڊ. اُنهيءَ شهر ۾، ڪيترا سال ٿيا ته هڪ
هال ٺهرايائون ۽ راڻي وڪٽوريا کي چيائون ته ’اَوهين هن
هال جو مهورت ڪريو!‘ ڪيس چيائون ته ’هيءَ سونِي
ڪنجِي وٺو ۽ هن سونِي ڪنجيءَ سان هن هال جو در کوليو!‘
راڻي سونِي ڪنجِي کڻي ڦيرائِي ته بجلين جي تارن
تي هال جا دروازا کلِي پيا!

پريوءَ ڪان به گهرڻ آهي سونِي ڪنجِي. اُڪير سان
گهرو ته پريوءَ جا دروازا کلِي پوندا.

آگسٽ ٢٠

دل جو شيشو

دل جو شيشو صاف ڪر ته تو ۾ جوت جاڳي. اوچتو
ئي اوچتو اَچي ٿي، پوءِ گم ٿِي وڃي ٿِي. وري اَچي ٿِي

پکيئڙا پرديس جا! پَرَ کول! پَرَ کول!
تکڙو تکڙو هاڻ اُڏام!
هُن پار جتڙي نيلا گل نهارن:
جت پکيئڙا اُچارن:- 'شيام! شيام! شيام!'

آگسٽ ٢٥ کرشن کوني اَکيلو

برندابن ۾ جڏهن شيام ليلا لڳائي، اُن وقت شري کرشن گوپين کي اِڪ سبق سيکاريو تہ پريو ملي اَکيلو. اِڪ اِڪ گوپيءَ جو ڌيان شيام سندر ۾ هو. اِڪ اِڪ گوپيءَ اِها سکيا ورتي.

هڪ گوپي اِها ڳالهہ بڌي ياد کري ٿي. گهر موٽي هڪ کنڊ ناهي ٿي ۽ سانت ۾ وهي ٿي ۽ سانت ۾ ويهي ڌيان کري ٿي. پڇنس ٿا تہ 'کنهن جو ٿي ڌيان کرين؟' چوي ٿي:- 'پنهنجي پياري پريتم جو. ڌيان ۾ ڏٺم، مونکي شيام مليو. سانتيکي کنڊ ۾ مونکي شيام جو آواز آيو. اُن آواز چيو:- 'آجا! آجا! گوپي! مون وٽ اَچ!' شيام مون وٽ آيو اَکيلو! مون کي کونيائين اَکيلو! کرشن کوني اَکيلو!

آگسٽ ٢٦ اَندر باغ بغيچي

گروءَ جي کرپا سان نام جي مالها وٺي، وجو اَندر. اَندر آهن باغ بغيچا، اَندر آهن کنول گل سونهن وارا.

آگسٽ ٢٣ ورڪ هيٺ

وچِي وڻ هيٺ اَڪيلو وهان،
ويهِي وِنا وڄايان؛
سانت ۾ اِڪ آنءُ سٽان؛
چنڊ سهڻي ڏي نهاريان!

جيون هڪ وڻ آهي. اِن ورڪ هيٺ وهي ڪير؟ جو
اَڪيلو ٿئي. جيون جي ورڪ هيٺ وچي اَڪيلو آنءُ وهان.
اُت ويهي ڇا ڪريان؟ اَتم اِڪ بينا: اُن بينا کي چون
'آتما'. آتم جي بينا جيون جي ورڪ هيٺ ويهي وڄايان.
ڪير سڻي؟ سانت بنا ٻيو ڪير سڻي؟ آنءُ پاڻ سٽان
ٻيو ڪوبہ اَچي تہ گوڙ شور جي لهر نچي. وڻ هيٺ، سانت
۾، آتم جي بينا آنءُ سٽان.
بينا سٽان ۽ نيڻ کڻي آسمان ڏي نهاريان! اُت آسمان
۾ ٻيو چمڪي، چنڊ سهڻو ٻيو چمڪي: اُن سهڻل ڏي ٻيو
نهاريان، ٻيو نهاريان، ٻيو اُچاريان:- 'اِڪ تونهين تون
اِڪ تونهين تون! جڌر ديکتا هون، اُڌر تونهين تون!'

آگسٽ ٢٤ بي بقا جي باغ

هن بي بقا جي باغ ۾، رهيو سال آهين،
پر وساري گل ڪمل
ڇبرن جي سنگہ ۾، جت ناه جوتِي، جت چمڪي
نہ گل

پريتم! تون تہ ڄاڻين،
مان پياسي اَيا ٻُڏِي!
تري کين ڄاڻان،
هُنَ پار پوءِ ڪئن اَچان؟
تنهنجي بنسري ڪري گَهايل،
تي وياڪل وڃايَل!
شيام! تنهنجي درشن بنا،
ڪيئن جيئان؟ مان ڪيئن جيئان؟

آگسٽ ٢٩ سنتن سنگہ

سنگہ ڪرين وڃ سنتن در،
اُت نئڙت ۾ وڃين مستڪ ڌر!
ٻيءَ سنگت نفعو بہ آهہ نقصان،
سنتن سنگہ اَتيئي اَحسان!

آگسٽ ٣٠ پُل

هن سنساري زندگيءَ جي وڏي پُل هيءَ آهي جو اَسين
يا سمجهون تہ اَسين 'جدا' آهيون! سچ پچ تہ جدائي
ہ آهي ئي ڪانہ. 'مان' آهيان 'هوُ'، ۽ 'هوُ' آهي 'مان'.
ان اُنهن سان 'هڪ' آهيان، سڀن سان هڪ آهيان، - پکين
سن سان هڪ، جنتوءَ ۽ ورکہ سان هڪ، پرٿويءَ سان هڪ،
رن سان هڪ، سجہ ۽ چنڊ ۽ هڪ هڪ دنيا سان هڪ!

ڪبير چوي ٿو:- ’اِس ڳهٽ اَندر باغ بغيچي‘،- هن ديهہ
جي دلي ۾ آهن باغ، سندر باغ، آهي ديرو دوست جو.
تنهنڪري پيارا! اَندر وڃڻ سِکہ.

آگسٽ ٢٧
پياس اَٿم

آنءُ ڳنهگار،
اَٿم عيب اَپار،
تہ بہ پياس اَٿم اِڪ تنهنجيِ تنهنجيِ!
عمر وڃايم،
ويهي وساريم،
تہ بہ پياس اَٿم اِڪ تنهنجيِ تنهنجيِ!
ڪڇ ڪمايم،
نام نہ ڏيايم،
تہ بہ پياس اَٿم اِڪ تنهنجيِ تنهنجيِ!

آگسٽ ٢٨
هُن پار

نديءَ جي هُن پار،
شيام سندر! عجب اِسرار!
پيو بنسري بجائين،
پيو دلڙي ريجهائين!
هِن پر بينيِ آهيان،
بينا بڌان، پيئيِ نهاريان!

سپٽمبر

سپٽمبر ۱ جيون جو اِسرار

ويھہ فقيرن جي پاس:
ڏس ڇا پيو چمڪي خاص؟
جيون جو اِسرار!

سپٽمبر ۲ مهر جي پاند ۾

نئڙت، نمرتا ۾ اَٿو هڪ اِيشوري شڪتي، اِڪ دئيوڪ
ل. جو نماڻو آهي، اُن کي سائين جهپي ٿو پنهنجي
جهوليءَ ۾: جو نماڻو آهي، اُن کي سائين ڪڻي ٿو پنهنجي
هر جي پاند ۾! جو نماڻو سو ٿئي ٿو دوست سائينءَ جو،
ن جي اکرن ۾ اَلائي ڪٿان ٿي شڪتي اَچي ۽ اُنجي
ھار ۾ شڪتي، اُن جي سکيا ۾ شڪتي، اُن جي هلت
لت ۾ شڪتي! اُنجي سانت ۾ عجيب شڪتي آھہ!

پٽمبر ۳ مُورت جو ملھہ

ولايت ۾ هڪ نندي سنستا جاري ٿي. اُنکي ڪي
رجون هيون. تنجي خَبر هڪ ماڻهوءَ کي پوي ٿي. ولايت
چڱين مورتن جو ڏاڍو مانُ آھہ. ڪو سندر مورت ڇٽي

آگسٽ ٣١ واريءَ ڪنڊ

وديا پلي وٺ. پر وديا واسطي دنيوي ماڻهن جي چرنن ۾ نہ ويهہ. وديا اُن ڪان وٺ جو پوريءَ طرح سمجهي تو تہ هي جيڪي آهي، سنسار سارو، سگل پسارو، - اَنتيہ آهي! ڪنهن پريوءَ جي پياري جي چرنن ۾ ويهي شاسترن جي سکيا سمجهہ ۽ اُنجي پاڪ زبان مان ٻاڻي ٻڌ. ڪيترا دفعا تہ ماڻهو شاستر ۽ ٻاڻي ٻڌي تڪرارن ۾ ترڪي وڃن ٿا! ڪيڏا نہ بحث ڪن ٿا! پستڪن ۽ شاسترن ۾ واريءَ ڪنڊ ٻئي مليل آهن. پر جي تون ڪنهن پريوءَ جي پياري، ستپرڪہ، نرمل پوتر اِنسان جي چرنن ۾ ويهي، شاسترن جي سکيا سمجهندين تہ هوُ توکي سيکاريندو تہ ڪيئن واريءَ ڪنڊ هڪ ٻئي ڪان جدا ڪجن.

سپٽمبر ۴ پارتي

شرڻ وٺو شيام جي، شرڻ وٺو سڀ پارتي!
دکين دينن جي شيوا سان،
ڪريو سڀ شيام جي آرتي!

پٽمبر ۵ واه واه

واه واه جت وهارين تون،
فضل نوُري نهارين تون!

پٽمبر ٦ سچو پاتشاه

عراق جي هڪ اَمير جي ڳالهه آهي. هڪ ڏينهن
بار ڪوٺائي ٿو. اُن ملڪ جي راجا کي ڪوٺين ’اَمير‘.
بار ۾ راجا کن کي سوکڙيون ڏيندو آهي ۽ هي عراق
اَمير اَچي وينو آهي دربار ۾. سندس هٿ ۾ هڪ
ي ڍال آهي. درباري پيا هڪ ٻئي کان پڇن ته ’هيءَ
 ڪنهن کي ٿي ملي؟‘ درباري پيا نهارين هڪ ٻئي
. ڪيترن کي وڏا وڏا پگهار آهن. هڪ هڪ پيو
ي ته ’مونکي شايد ملي!‘ اَمير مونکي شايد هيءَ ڍال
ڙي ڏي!‘ هرڪو منتظر آهي. هينئر سڀن جون اکيون
 ۾ کتل آهن.
اُن وقت راجا پڪاري ٿو:- ’نصير! نصير!‘ نصير ته
 آهي ڪنڊ ۾: اُن کي راجا سڏ ڪري چوي ٿو ته
ير! ياد اَٿيئي ته جڏهن هڪ دفعي اَسين پري پري

تہ اُن نقاش کي هزارين رپيا ملن. هيءُ ماڻهو چوي تو
’مان ڇا ڏيان هن سنسٽا کي جو کين مدد ملي؟‘ هن
شاهوڪار وٽ هڪ مورت آهہ، تمام مهانگي مورت. اُ
مورت هن سنسٽا کي موڪلي تو ۽ مورت سان گڏ هڪ خ
بہ موڪلي تو، جنهن ۾ لکي تو تہ ’خبر ناہ تہ مان ڪنه
مهل بہ مري وڃان. هيءَ مورت اَوهانجي سنسٽا ک
موڪليان تو. هيءَ مهانگي مورت آهي. اِن واسطي مونک
فقط ڏيڍ سؤ رپيا موڪليو. پر سنسٽا جو پرڌان چوي تو:
’ڏيڍ سؤ رپئي ۾ هيءَ مورت مهانگي آهي: اَسانکي نہ ڪپي
اِها مورت موٽائي تو.

مالڪ اِها مورت وري موڪلي تو هڪ خط سان. اِن خ
۾ لکي تو تہ ’چڱو ڀلا! مون کي هن مورت جا فقط ٧٥ رپ
موڪليو!‘

هي ماڻهو تہ فقط هن سنسٽا جي پريکيا لهڻ تو چاهي
پر سنسٽا جو پرڌان چوي تو تہ ’مونکي نہ ڪپي: ٧٥ رپئ
بہ مهانگي آهي!‘

جلد مورت جي مالڪ جو مرتيو ٿئي تو. پوءِ اِها مور
وڪامي. گهڻي وڪامي؟ هن ماڻهوءَ جي پٽ کي اِنهي
مورت لئہ هڪ لکہ ٥٦ هزار رپيا مليا! اَفسوس! سنسٽا ج
پرڌان کي پروڙ نہ پيئي تہ مورت جي قيمت ڪيتري؟

تيئن پريو بہ اَسان کي پيو ڏئي، پيو ڏئي، ڏينهن را
پيو ڏئي! ڇا نٿو ڏئي! پر اَسان کي، اُن جي ملهہ جي خ
نٿي پوي!

سپٽمبر ۸ **ڪرشن گل**

’ڪرشن!‘ ’ڪرشن!‘ ڳاءِ ڳاءِ!
جئن ڳائي مست بلبل!
ڳائي ڳائي! تِي ڪرشن باغ ۾ اِڪ منو ڪرشن گل!

سپٽمبر ۹ **روحانِي باغ**

هڪ زمين جي ٽڪري تي پٿر هئا. ڪن مزورن اُن زمين
ي ويٺي رولر هلايو. مزورن کان پڇيو ويو: - ’ڇا ٿا ڪريو؟‘
هڪ مزور چيو: - ’رولر وينا هلايون چو تہ هت باغ ناهڻ
ا چاهيون.‘
’مار!‘ اُنهيءَ ماڻهو چيو، ’مونکي خبر ئي ڪانہ هئي.
ون سمجهيو تہ باغ اُونهيئي اُپري ٿو‘.
تنهن تي مزور چيو: - ’سائين! اِها وڏي چُڪ آهي. باغ
اهڻ لاءِ وڏي محنت کپي. اَسين مزور تہ هفتن پنيان هفتا
يا رولر هلائيندا آهيون، تان جو زمين لسي ٿي وڃي. باغ
هڻ آهي محنت پورهيو ڪرڻ.‘
اَسين بہ اَهڙي چُڪ ڪريون ٿا، جي سمجهون ٿا تہ دل
ي اَندر روحاني باغ پاڻيهي نهي ٿو پوي. سولو ڪم نہ آهي.
حبت سان گڏ محنت کپي.

پٽمبر ۱۰ **اَءِ پارتواسِي!**

اَج ڪٿ رام رمي؟
اَجا بنواسِي!

وياسين،- تون ۽ مان هئاسين جهنگ ۾،- مونسان
اُت کيئن نہ ڳالهايو! کيڏي نہ بي عزتي تو مونسا
ڪئي! پنهنجي ترار ڪڍي تو مونکي ماريو ٿي: پر سائير
مونکي بچايو! هيءَ سونِي ڍال مان توکي ڏيان ٿو. تو
مونکي مارڻ لئہ ٿي آئين! پوءِ مان توکي پاڻسان هـ
وٺي آيس: مون توکي دربار ۾ وهاريو! جهنگ ۾ تو مونت
اُلر ڪئي! تنهنڪري مان توکي ڏيان ٿو هيءَ سون
ڍال!'

درٻارين ٻڌي چيو:- 'سچو پاتشاه'. سچو پاتشاه
جو معافي ڏئي. اَسانجا گناه اَپراڌ ڪيترا، پر سچو پاتش
اَسانکي ڏي معافي، اَسانکي ڏئي سونِي ڍال، جيون ج
ميدان ۾ ٿئي اَسانجو رکپال!

سپٽمبر ۷ ڏيئي جي لا

هڪ ڏينهن مان هڪ مڙهيءَ ۾ ويس. جهُوني مڙه
هئي، پُراڻي پِڳل. اُن مڙهيءَ ۾ پئي هڪ ڏيئڙو ٻر
تئن سچو پڳت ڪنهن کي بہ ڏسي، ڪري پاپي هج
شرابي، جوئاري تہ اُن پڳل اِنسان ۾ ڏسي ٿو تہ ه
ڏيئي جي لاٽ پيئي ٻري. اِن ڪري سچو پڳت
اَڳيان بہ سِر جهڪائي ٿو. سچو پڳت سو جنهنجو پ
پري ٿيو آهي ۽ ڏسي ٿو هڪ لاٽ هرهنڌ پيئي ٻري.

ندو ڳندو، پل ڳم ۾ ڳم رهي ۽ دنيا ۾ نه پئدا ٿئي!'
پڇاڙيءَ ۾ هڪ ديوتا آيو، اُنجو نالو 'پريم': اُن اِيشور
ڳيان سِر جهڪائي چيو ته 'سائين! ديوتائن جيڪي چيو
آهي ته اِنسان بي اِنصافي ڪندو، زور ظلم ڪندو، رت
چوسيندو، ڪوڙ ۽ دغا جي ڊوڙ پائيندو، سو سچ آهي.
ر سائين! مان سندس قدمن کي ڪونه ڇڏيندس. مان
سندس ويجهو رهندس، سندس ڦُلن ڇُڪن ۾ پيار
تاريندس. هڪ ڏينهن اِهو پيار، پريم، سندس جيون
هڪ نئون ڦيرو آڻيندو ۽ کيس ڪين پسن ۽ ڪمزور
ئرن ڀينرن کي پيار ڪرڻ سيکاريندو ۽ نيٺ اِهو پريم
جي جڳت کي نئون ڪندو ۽ مايا منڊل ۾ پريوءَ جو
ج آڻيندو.'
پريوءَ 'پريم' ديوتا جي نماڻي پڪار تي اِنسان کي
دا ڪيو!

پتمبر ١٢ تون ئي تون

هڪ رشي پرارٿنا ڪري ٿو:
سائين! سائين!
تون آڳه ۾ آهين!
سج ۾ چمڪي تنهنجو نُور،
هوا ۽ چنڊ ۾ به تون حاضران حضُور!
تارن ۾ به تون ۽ سنڌو ساگر ۾ تون:

کهڙي گهير گهمي؟

اَءِ پارت واسِي!

سپٽمبر ١١ تو

جيڪر محبت ۽ پيار ۾ وڌڻ جي ڪوشش ڪرين
۽ محبت ۾ وڌين، تنهنڪري تورو ڳالهاءِ، تورو کاءُ
تورو سمهه. ڪجهه وقت سانت کي ڏي: سانت ۾ ويه
ويچار ڪر ۽ نام لاءِ محبت رکه!

سپٽمبر ١٢ آڪاٽي يا پرول

هيءَ آڪاٽي آهه يا پرولِي؟ هيءَ دنيا نهي تنهن ڪ
اَڳه پريوءَ ديوتائن کي ڪونايو ۽ تن اَڳيان سوال رک
ته 'دنيا نهي يا نه؟'

ڌرم ديوتا چيو:- 'سائين! اِنسان ذات نه پئدا تئ
ته ڏاڍو چڱو، نه ته ماڻهو ماڻهوءَ سان بي اِنصافي ڪند
جو ڏاڍو سو ڳابو ۽ ڏاڍو ماڻهو ڪمزور تي ظلم ڪندو.'

ٻئي ديوتا، جنهنجو نالو هو 'شانتِي'، تنهن چيو
'سائين! جي اِنسان پئدا ٿيو ته ڏاڍي اَشانتي اِيند
۽ جنگيون لڳنديون: ماڻهو ماڻهوءَ جو رت چوسيندو،
پاءُ کي ماريندو!'

ٽئين ديوتا جنهنجو نالو هو ستيه (سچ)، چيو
'سائين! ماڻهو سرشٽيءَ جي سونهن کي بدنام ڪندو.'

ٻين ديوتائن به اهڙيءَ طرح وينتي ڪئي ته 'سائي

سپٽمبر ١٦ هٿين خالي

نج روپ، سُوَ روپ پڇاڻڻ ئِي زندگيءَ جو مکيہ ڪم آهي. ويچار ڏاڍو چڱو، پر سوئي ويچار هن راه ۾ مدد ڪري ٿو، جو پنهنجي اُديم مان اُٿي ٿو، نہ جو بين جي خيالن جو پراڏو آهہ. ويچار ۽ نيم، - اِهي بہ ساڌن ضروري آهن. پر مکيہ ڪم آهي نج روپ پڇاڻڻ. اِهو ڪم ڪري پوءِ سنسار ڇڏجانءِ! سنسار ساگر مان متان هٿين خالي وڃين!

سپٽمبر ١٧ اَندر جو آواز

شاسترن جي نيمن ۾ هلڻ ضروري آهہ. تن ڪان مٿي وڃڻ بہ ضروري آهہ. پر مٿي تڏهن وڃي سگهين، جڏهن اَنيو ڪلي، اَندر جو آواز اَچي! سو تڏهن ڪلي، اَندر جو آواز نندڙو، سنهڙو، تڏهن ٻڌڻ ۾ اَچي، جڏهن اِڇا، ترشنا وڃي!

سپٽمبر ١٨ دلبو

مان اِڪ بنيءَ ۾ ويس. اُت ڏٺم تہ اِڪ ڪوُڙو پکي ڦاهي رکيو هئائون، - ڪڪن جو پکي. اُن پکيءَ کي ڏسي ٻيا پکي پئي آيا. ويچارا اَچي اَڙيا. سمجهائون سچو پکي آهہ! ۽ مون پنهنجي من کي سمجهايو تہ هي جيڪي ڏسين ٿو، سو اَٿيئي هڪ دلبو، هڪ ڪڪن جو پکي: تون سچو پکي ٿي، - هنس! سچو پکي ٿي ره!

هوُ جو اَچي پيو، پڌو اِنسان،
۽ لڱ تي گهمي پيو، اُهو بہ روپ تنهنجو،
اُن تي بہ تنهنجو اَحسان!
جت نهاريان اُت تونهين تون!
پسونءَ ۾، پکيءَ ۾،
۽ منجهہ هرهڪ اِنسان،
پيو چمڪين تون،
اِڪ تون ئي رحمان!

سپٽمبر ۱۴ اَچي ٿو نهار

ست سنگہ ۾ پريو اَچي ٿو هڪ هڪ جي دل ۾ نهار
جنهن دل ۾ ڏسي ٿو تہ دنيا لاءِ موہ ناهہ، اُن دل ج
اَندر پريو اَچي ٿو پاڻ لاءِ پيار اوتي ۽ اُن کي ٿو پنهنج
پاڇي ۾ رکي!

سپٽمبر ۱۵ پوتر سنس

هيِ سنسار آهي پوتر، پوتر، پوتر! پوتر سنسار ک
ڪير ڇهي؟ جو تياڳہ ڪرڻ سکيو آهي، جنهن پنهنج
اِندرين تي ضابطو رکيو آهي، اُن کي ئي پروڙ پ
ٿي تہ هيِ سنسار کهڙو نہ سندر، کهڙو نہ پوتر آهي!

سپٽمبر ٢٢ پهريون قدم

پريوءَ لئہ پيار: اُنجو پهريون قدم آهہ وئراڳہ. اُنجو مطلب اِهو نہ آهہ تہ دنيا ڇڏيو! گهر ٻار ڇڏي وڃي ٻَن ۾ يا پهاڙن تي وهو. جيو هت آيو آهہ پرڪرتيءَ جي سنگہ ۾. جيوُ ديهہ ۾ آهہ، ديهہ جي سنگہ ۾. سرير جو سنٻنڌ تہ اَوش آهہ، پر اِنهيءَ سنٻنڌ، اِنهيءَ سنگہ ۾ اَسنگہ ڪمائڻ آهہ وئراڳہ ڪمائڻ، سنگہ ۾ اَسنگہ رهڻ، ڪرم ڪرڻ، پر ڪرم ڦل اِڇا ڦٽي ڪرڻ. سرير جي ياترا تہ اَوش ڪرڻي آهہ. وئراڳہ آهہ هيءَ پروڙ تہ سنسار ۾ سڀ فاني آهہ، اَنتيہ آهہ!

سپٽمبر ٢٣ اِڪ نقطو

اَندر دل جي ڪنڊ ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪريو. تان جو اِڪ سپاڳي ڏينهڙي اَوهين ڏسندا تہ زنده جوت جو نقطو پيو ٻري. اُها جوت وسامي ڪين. پاپ ۾ وڃي اِنسان ڪِري، اِها جوت وساميئي ڪين. ساڪي ٿي پيئي ٻري، ڇو تہ اِها جوت پاپ ۾ نٿي ڪِري! گنهگارن ۾ وڏو گنهگار هجي تہ اُن جي اَندر ٻہ اِها جوت پيئي جاڳي. تنهنڪري اُن واسطي ٻہ اُميد آهي. اِڪ ڏينهن اُهو پاپي ٻہ سائينءَ جو ڀڳت ٿيندو!

سپٽمبر ٢٤ قسمت سندو ڪوٽ

قسمت سندي ڪوٽ مان اَچي ڪڏ مونکي، منهنجي روح جا راڻا!

سپٽمبر ١٩ زيب

زندگيءَ جو زيب آهي پريوءَ لاءِ پيار!

سپٽمبر ٢٠ موهن کو ديکہ دل ۾

موهن کو ديکہ دل ۾، وچ مايا جو پاڻ ڇپائين؟
نوُر نيارو تو ۾ چمڪي، پاڇن پنيان ڇو ڊوڙون پائين؟
موهن کو ديکہ دل ۾

ڌام اَلکہ مان آيو آهين، حسن وارو هنس پکي:
شيام پيارو، نينهن نيارو، ڇو ڇڏي تيو آهين دکي؟
موهن کو ديکہ دل ۾!

سپٽمبر ٢١ نوَ نشانيون نوُر جون

نوَ نشانيون نوُر جون، تن جو ڪر ديدار آ!
اِڪ تہ نرمل نيڻن ۾، پيو چمڪي اِسرار آ!
ٻيو تہ سڀ کي سِر نمائي، نئڙت ۾ نيارو!
ٽيون تہ درويشان سادگيءَ ۾، آهي سدا سوُنهارو!
چوٿون اَکر آکي ٿورڙا، نہ تہ سانت ۾ ئي رهي:
پنجون ڪشت سرير جو، صبر ۾ ئي سهي!
ڇهون تياڳي، پري تمنا، ملکيت مال:
ستون جاڳي رام ريجهائي، نام سدا نهال!
اَٺون اِڪ عجيب کي، پيو پيڙ پرائيءَ ۾ پسي:
نائون سُمهي سوُنهن چمکي، ننڊ ۾ نوُري نام وَسي!

پَوَ ساگر تو تاريو، مهر نظر سين نهاريو:
اَنجام اَصل جو تو پاڙيو:
دامن تنهنجِي نوُرِي ڪيئن ڇڏيان؟

سپٽمبر ۳۰ نينهن جِي نوٗبت

رِم جهِم، رِم جهِم آنسوُن اَکڙين،
هر چار طرف نهاري ڪير؟
هت خوب مزي جِي بارش برسي،
هر روز هت پيو پڪاري ڪير؟
ڪِيَڙو مست پرِيُن جي مرليءَ،
اِڪ عشق اَڪر اُچاري ڪير؟
نينهن جِي نوٗبت ڪير وڄائي،
پُر پُر پيالِي پيئاري ڪير؟
ڏيکاري صاف آ! صورت پنهنجِي،
اِڪ ديد سين دل ڏتاري ڪير؟
ڪَئُڻ عاشق مثل بلبل،
نوُرِي گَهايل جيِئاري ڪير؟

سپٽمبر ٢٥ **آجا! آجا!**

آجا! آجا! موري ڪرست اَوتاري،
پڪاري ٿي سڏڪن سان، هيءَ دل ستاري!

سپٽمبر ٢٦ **پنڊت ۽ ساڌو**

پنڊت ۽ ساڌوءَ جي وچ ۾ وڏو تفاوت آهي. پنڊت اُهو جو وديا ڪٺي ڪري ٿو؛ پر اُنجي وديا ۾ 'ترشنا' آهي. پنڊت جي اَندر 'لوڀ' آهي. ڪيتروئي پڙهيل آهي، پر سندس هردو نرمل نہ آهي: پر ساڌوُ سو، جو ڪمل چرنن ۾ نواس ڪري. پنڊت چوي هڪ ڳالھہ، پر ڪري ٻي. ساڌو ٻيءَ طرح آهہ. سندس ڪم ڪار ۾، اکرن ۾ هميشھہ سمرن، پريوءَ جي يادگيري آهي.

سپٽمبر ٢٧ **ٻيڙيءَ وارا**

ٻيڙيءَ وارا! عرض اُناءِ!
پَرئين ڪناري مون پھچاءِ!

سپٽمبر ٢٨ **سچو سکھ**

سچو سُکھ هنن ٻن ڳالھين ۾ اَٿيئي:- (١) ڌيان؛ ۽ (٢) شيوا.

سپٽمبر ٢٩ **پٿر**

پٿر هوس: اُن ڪي تو ٻيڙيءَ چاڙهيو:
پگھرن سان گڏ، اُن ڪي تو چرنن وهاريو!

آڪٽوبر ۳ — روُپ

سمجھہ پيارا! سانت ۾ ويھِي،
اَندر اَندر پنھنجي پيھِي:
پنھنجو روپ تون پاڻ پڇاڻ!
ڪھڙي ديس مان ھت آئين اُڏامي؟
گذريو وقت آ! آھہ رات وھامي:
پنھنجو روپ تون پاڻ پڇاڻ!

آڪٽوبر ۴ — فقير فرانسز

فقير فرانسز آنند ۾ رھي ٿو. پارت جي رشين وانگر
سمجھي ٿو تہ پريو آھہ آنند! شھزادي وانگر نپنيو آھہ،
پر سڀ ڌن شاھوڪاري ڦٽي ڪري ٿو. غريبيءَ جي سونھن
ھ سندس وشواس آھہ. نگر نگر وڃي ٿو. سندس ڪيسي
ھ پئسو ڪونھي. ڌن دولت آھہ بار! سچو خزانو آھہ پيار!
جي بين جي رنڌڻي ۾ ٿالھيون صاف ڪري ٿو، در در
وٽي پني ٿو؛ پر سدا خوش آھہ. سندس مکہ ۾ ھڪ جوت
ھہ؛ سندس چپن تي راڳہ آھہ. اُنھيءَ وقت جي ھڪ
ستڪ ۾ لکيل آھي:- ’فرانسز ۽ سندس سنگتي خوش
ئا، چو تہ ڪين ڌن دولت لاء اِڇا ڪانہ ھئي؛ پريوءَ ۾
ي سندن آنند ھو!‘ ھڪ دفعي پنھنجي ھڪ ست سنگي
ءُ ڪي فرانسز سمجھائي ٿو تہ سچو سکہ، آنند ڇا ۾ آھہ؟
انسز چوي ٿو:-
’اَء ڀاءُ پيارا! بيشڪ، ھي ساڌو اِندرين تي ضابطي

آڪٽوبر

آڪٽوبر ۱ ڪِريل

سنسار ڇا آهه؟ جو شيام ڪان پري رکي. پٽت ڪِريل ڪير آهه؟ جو پريوءَ جي مارڳ جو سمرڻ ڪين ڪري. سچي ايڪانت ڇا آهه؟ جڏهن اَيمان جي جيون ڪان پري رهان؟ سُکي ڪير آهه؟ جو هر حال ۾ هڪ شيام پڇاڻي، اُن کي ڏيائي، اُن کي ڳائي!

آڪٽوبر ۲ نهال ٿيان

مهاتما گانڌيءَ ڀارت جي لئه ڇا نه سَنو! سندس دل ۾ سپنو هو ته ڀارت جو هڪ هڪ جيو سکي رهي! هن فقيري چولو پهريو: ۽ لوڪن لاءِ سندس دَل ۾ درد پئدا ٿيو.- درد منداں ڪا درد. هن چاهيو ٿي ته سوراج ٿئي رام راج. رام راج ۾ هڪ هڪ سکي هو: هڪ هڪ کي اَنو ۽ لٽو مليو ٿي. رشي والميڪ رامائڻ ۾ لکي ٿو 'سکي لوڪ هئا، اَيوڌيا جا پيارا.'

گانڌيءَ جو اِهو سپنو سڦل ٿيو آهي يا نه؟ مان سمجهان ٿو ته روحاني دنيا مان به وينو ڀارت کي نهاري ۽ پڪاري:- 'اَءِ منهنجا دوستو! هر هڪ ڀارتواسيءَ کي سکي رکو!' سندس جيون جو آواز هن هڪ اکر ۾ سمايل آهي:- 'يگيه، قرباني!'

۾ پرجي اَسان ڪڏي چڏي ۽ چوي تہ ’اَء دشت چور! هليا وڃو!‘ ۽ پوءِ اَسين اِهو سڀ صبر ۾ ۽ پيار ۾ سهون، تہ اَء پيارا ياءُ! لڪ تون تہ اِنهيءَ ۾ پرم آنند آهہ!

۽ جي بڪ ۽ تَڏ ۽ رات جي ڪري اَسين وري وڃي در تي ڪڙڪايون ۽ دربان کي اڪين ۾ ڳوڙها آڻي وينتي ڪريون تہ ’پريوءَ جي پيار جي صدقي دروازو کول، ۽ اَسانکي اَندر وهار‘ ۽ پوءِ بہ دربان وڏيڪ ڪاوڙ ۾ ڳالهائي ۽ ذم ۾ اَچي اَسانکي لڪڻ هڻي ۽ اَسانکي ڪپڙن کان پڪي ۽ زمين تي اُڇلائي ۽ برف ۾ ڌونڌاري ۽ بدن کي بيحد ماري: ۽ جي اَسين اِهو سڀ سهون صبر ۾ ۽ خوشيءَ ۾، ۽ اُن وقت ويچار ڪريون تہ سپاڳي ڪرست ڪيترو نہ سوُر سٺو! جي اَسين اِئين ڪريون تہ اَء ياءُ پيارا! لڪ تون تہ اِنهيءَ ۾ پرم آنند آهہ!‘

آڪتوبر ۵ مان ڪير؟

پيئا! پيئا! تون پاڪ!
مانَ ڪيرَ؟ مٽي خاڪ!

آڪتوبر ٦ گاه ڪندا

ڪم ڪار ۾ اَتيئي گاه، ڪندا: تن ۾ نہ وقت
پنهنجو وڃاءِ!

اُن گاه ۾، تن ڪندن جي وچ، وڃي گل چمن
پيارا! تون پاءِ!

جو سندر مثال ڏين ٿا، پر لڪ تون پيارا! تہ اُنهيءَ ۾ پرم آنند ڪين آهہ!

’اَءِ پاءُ پيارا! ڪري نہ هِي ساڌو اَنڌن کي سوجهرو ڏين ۽ مريضن کي چڱائين ۽ چرين کي شيطان کان بچائين ۽ ٻوڙن کي ٻڌڻ جي طاقت ڏين ۽ قبرن مان مُئلن کي اُٿارين، تہ بہ لڪ تون پيارا! تہ اُنهيءَ ۾ پرم آنند ڪين آهہ!

’اَءِ پاءُ پيارا! ڪري نہ هِي ساڌو فرشتن جي زبان سان ڳالهائين ۽ تارن جي ڳجهارت پروڙين ۽ ٻوٽين جي وديا وٺن ۽ پرٿويءَ جي خزانن جي خبر لهن ۽ پکين ۽ مڇين ۽ پسن ۽ ماڻهن ۽ وڻن ۽ پٿرن ۽ پاڻن ۽ پاڻيءَ جون سڀ خاصيتون سکن، تہ بہ لڪ تون پيارا! تہ اُنهيءَ ۾ پرم آنند ڪين آهہ!

’اَءِ پاءُ پيارا! جڏهن اَسين اَچي ڪنهن هنڌ پهچون،- مينهن ۾ پنل ۽ ٿڌ ۾ ورتل ۽ گپ سان پريل ۽ ڏاڍا بکايل ۽ اَچي دروازي تي کڙڪايون ۽ اُن وقت دربان چوي:- ’اَڙي هليا وڃو!‘ ۽ اَسانکي دروازو نہ کولي، پر اَسانکي ٿڌ ۾، برف، هوا، مينهن، بُکہ ۾ اِئين ڇڏي ڏي، ۽ پوءِ جي اَسين سڀ گاريون ۽ سڀ تڪليفون ۽ سڀ نرادر صبر ۾ سهون، نہ هڪ اکر رنج جو ڪڇون ۽ اِئين سمجهون تہ هِي دربان اَسان کي بيشڪ پورو سڃاڻي، نہ اَسانکي ڪا لائقي آهہ، اِئين جي اَسين ڪريون، تہ لڪ تون پيارا! تہ اِنهيءَ ۾ پرم آنند آهہ!

۽ جي اَسين در تي تہ بہ پيا کڙڪايون، ۽ دربان ڪاوڙ

آڪٽوبر ١٠ سج جي روشني
گلابي گل کي پهرين تين ڪندا. جڏهن ڪنڊن تي
چي سورج جي روشني تہ ڪندا تي پون گل گلابي! جي
سانجي جيون ۾ اَچي روشني تہ اسين بہ تي پئون گل
گلابي! اُن روشنيءَ جو نالو آهہ پريم.

آڪٽوبر ١١ دريءَ منجهان
چنڊ جي روپيءَ سانت ۾، ۽ تارن جي سونيءَ سانت
۽ پريات جي اَمرت سانت ۾، دري کوليم ۽ وري وري
نهن دريءَ مٿان ويهي ڪيم درشن ديدار دوست جو.

ڪتوبر ١٢ ڪرپا پتر
اَفسوس! اَچا پرڪرتيءَ جو آهين: آسيس جو بالڪ تيءُ،
رپا جو پتر!

ڪتوبر ١٣ رام جو تير
جاڳي جاڳي راتيان، منو رام ريجهايان،
تن من هردي ۾، هري گيت ڳايان!
جڳہ سارو جُنو، رام ۾ وساريان؛
تپوبن ۾ ويهي، آنءُ واٽون نهاريان!
پريات پردي ۾، آنءُ رام لئہ نهاريان:
آلين اَکين کي، رام پاٽي پيئاريان!
نہ نوُري نماڻي، اَندر سوُر سَليان:
تکو رام جو تير، تي سيني ۾ جهليان!

پيو توکي نهاري: پيو پڪاري: - 'نهار پيارا!
مون ڏي نهار اِڪ وار!
ڪم ڪيائون ڪيترا! پر ڇا ملين؟ ڪين چمڪيو
تن جي روح منجهہ روشن پيار!'

آڪٽوبر ۷ سچِي ماتا

بيشڪ، پنهنجي زال، پٽ، پتا ۽ ماتا سان تون گهر ۾ رهہ. بيشڪ تون تن جي شيوا ڪر. پر دل اَندر ياد رکہ تہ جي تون پريوءَ جو شيوڪ ٿيڻ ٿو چاهين تہ تنهنجي اِستري، پٽ، پتا، ماتا ڪجہ ڪين اَٿيئي . تنهنجو سڀ ڪجہ اَٿيئي هڪ پريو، تنهنجِي سچِي ماتا! تنهنڪري هر حال ۾ پنهنجو ڪم ڪندو رهہ، پر پريوءَ کي نہ وسار.

آڪٽوبر ۸ نہ ڪر ديرِي

هيءَ زندگِي، پيارا! اَٿيئي اِڪ بيڙي:
وچ سير آهي: نہ ڇئہ تہ آهي 'ميري':
نہ 'ميرِي'، پر 'تيرِي'، سائين منهنجا 'تيرِي':
سچيءَ دل سان ڪَر اِڪ پڪار: - 'نہ ڪر ديرِي!'

آڪٽوبر ۹ سفر

جيون ساري آهہ سفر،
اُن ۾ دم دم سجاڳِي ڪر!

آڪٽوبر ١٨ صدق

پنهنجي گروءَ ۾ صدق رک. صدق نہ ٽوڙ. نڪي گروءَ
جي هلت چلت تي نقط چيني ڪر. تون ڪير آهين،
جو نقط چيني ڪرين؟ ڪنهن بہ وقت تنهنجي اَندر ويچار
گروءَ بابت اُٿن تہ پاڻ کي هيئن سمجهاءِ:- ’هيءُ
منهنجو گرو من بهاريءَ جيترو مان لهي!‘ بهاري ڪري
پاڻ صاف نہ بہ هجي، تہ بہ ياد رک، بهاري مڪان کي
صاف ڪري ٿي: تئن تنهنجو گرو بہ تنهنجي دل صاف
ڪري ٿو. تنهنڪري گروءَ جي چرنن ۾ سِر جهڪاءِ!

ڪٽوبر ١٩ آتم جي پرو

’آتم‘ جي پرو اَکرن سان نٿي پوي. اَکر چڙ: سانت
وهڻ سِکہ!

ڪٽوبر ٢٠ آزاد اِنسان

’گيان‘ آهہ ’آتم درشن‘. سچو آزاد اِنسان تنهن ڪري
و آهي جو اَندر جي روشنيءَ ۾ ۽ جوتيءَ ۾ هلي ٿو.
! اَندر جي جوتِي آهي ’آتما‘.

ڪٽوبر ٢١ سچہ جي ساکي

پراچين ڀارت ۾ اِڪ پرارٿنا جا وديارٿي چوندا هئا،
ـن طرح آهي:-

آڪٽوبر ۱۴ من ۽ دل

دل چوي: پريتم ملان:
پر من ڪري هُل هُلان!

آڪٽوبر ۱۵ تير هڻو

من کي تيرِ هڻ ڪال جو! روز روز رک ڪالَ جي
يادگيري: سڄيَ دنيا فاني، بنگلا ماڙيون فانيِ، ڌن دولت
فانيِ . هرهڪ کي هلڻو ضرور، وڃڻو ضرور! رک موت جيِ
يادگيريِ دل جي اندر تہ تنهنجو من مري.

آڪٽوبر ۱۶ سچو ڌيان

ڌيان ڪرڻ آهي پاڻ وِسارڻ!

آڪٽوبر ۱۷ زندگيءَ جي راه ۾

منهنجا پريو! هن زندگيءَ جي راه ۾ مان ويني آهيان
پر آس اَٿم، اُميد اَٿم. ڏسان ويني، سنسار ۾ ڪيڏو
دک ۽ پاپ آهہ، ڪشٽ ۽ ڪليش آهہ: مان وات تي ويني
آهيان؛ اَجا پنڌڙو پري پري! پريتم! تنهنجي محل
پهچان، تنهن ۾ اَجا مونکي وقت کپي . پر آس اُميد ڪين
ڇڏي اَٿم.

ڪهڙي اُميد؟ ڪهڙي آس؟ غمگين آهيان، پر اَٿم هي
هڪ اُميد:- 'منهنجا ناَڪر! تون ڪين ڇڏيندين!'

آڪتوبر ٢٥ تنهنجو پيارو

چقمق ۾ جئن اَگني آهي، جئن تِرَ ۾ آهي تيل:
تئن پيارو تنهنجو تو ۾ آهي، ڏس اَندر دل ۾
اُنجو کيل!
حاضران حضور اَتيئي اوُ پيارو، وسار نہ اُنکي موُر!
سجہ، چنڊ، تارن ۾ تنهنجي نيڻن اَندر، اَندر
چمڪي نوُر!

آڪتوبر ٢٦ پريو تو بهتر ڄاڻي

هرهنڌ، هر حالت ۾ ضروري آهي تہ هي ويچار رکين
تہ 'پريوءَ کي منهنجي بهتر خبر آهي . پريو تو ڄاڻي
نہ منهنجو ڀلو ڇا ۾ آهي؟ 'He knows better . اِئين پاڻکي
چئي، پنهنجي دل کي هڪ سبق سيکار تہ ڏکہ ۾، تنگيءَ
ر، مشڪلات ۾ بہ هڪ پريوءَ جو حڪم آهي.

ڪتوبر ٢٧ هل هينانئينءَ ۾

جنم ورتئہ پرتويءَ تي، هينئ! تہ هينانئينءَ ۾ هل!
ينئ نهار! مان وڏائيءَ جو نشو ڦٽو ڪر! جل ٿل ۾، گاه
 پاڪ ڌوڙ ۾، رهي رام ڀرپوُر! جنهن دل ۾ دينتا، تنهن
 اَچي ملي حضوُر!

’هي پرڀو! شل هن زبان سان مان سچ ٻوليان:
شل روز سچ جي سهاري هيٺ رهان!
۽ شل سچ ٿئي منهنجي جيون جو رکپال!
قبولين هيءَ عرض منهنجو، هي گرديو! ديال!‘

آڪٽوبر ۲۲ روشن ڏياري

اَڄان روز اُڪير ۾ تِي تنهنجي ئي در:
بيهان روز راڻا! پنان پياس ۾ تِي تنهنجي مهر!
اَڄي تِي، اَڄي تِي اَءِ راما! تنهنجي روشن ڏياري!
اِڪ وار تون نهار! تون ٻڌاءِ ڪريان ڪئن تياري؟

آڪٽوبر ۲۳ اَنجام

اَتم پياس دل جي اَندر: تيان شيام تنهنجي!
توکي ملان

تنهنجي سنگ نرمل ۾ روز رهان، روز کلان!
روز پنهنجي نرمل سنگ ۾ وهار!
روز ڏي پنهنجو پاڪ ديدار!
روز منهنجي جيون تي پنهنجو رنگ چاڙهه!
اِڪ ڏينهن اَنجام اَصل جو، نُوري پاڙ!

آڪٽوبر ۲۴ پتنگ

ڏس، پتنگ پاڻ کي ڪئن نہ قربان ڪري ٿو شمع مٿان
اَهڙِي پتنگي پياس توکي ڪٿي؟

آڪٽوبر ٢٩

ڏياري

ست سنگ اَتيئي ڏياري، جا وري وري نٿي ملي. تنهنڪري پيارا! هيءَ اَمولڪ گهڙِي هٿان نہ وڃاءِ. ست سنگ جي توکي ملي، تہ اُتي وجي رام نام روپي ڏيئو پنهنجي اَندر ٻار!

آڪٽوبر ٣٠

جيون جو رس

هرِي آهہ رس جو ساگر. اُنهيءَ ساگر مان فقط هڪ ڦڙو رس جو آهہ جيو ۾. جيو ۾ اُهو رس مايا جي اَثر هيٺ آهہ: ۽ تنهنڪري اِندرين جي ڀوڳہ ۾ 'رس' ڏسڻ ۾ اَچيٿو. اَوديا جي اَثر هيٺ جيو اِهو 'رس' پنجن اِندرين جي وشين ۾ ٿو ڳولي. جڏهن جيو اَندر نهاري ٿو، تڏهن جيو پروڙي ٿو تہ رس آهہ آتما ۾! ۽ جئن آتمڪ رس وجي وڌندو، تئن هي ڪُوڙو رس، وشين جو رس وجي هٽندو.

آڪٽوبر ٣١

پِير وڻ

پِير وڻ هيِ تنهنجو سارو آهي سنسار،
مسافر ٿڪل مان، تون ڇاڇي وهار!
پن هي تہ تنهنجا، تنهنجون آهن ٽاريون،
وَهن ٽيون تہ تنهنجون اُن مان ئي ڏارون!
عجب ۾ پوان پيو پسي آن ءُ قدرت، اَءِ سرجڻهار!
عجب رنگ تنهنجا نُورِي، عجب تنهنجو اِسرار!

آڪٽوبر ٢٨ ميڙ

هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهہ: مان پنڌ ڪندو پيو وڃان. رستي تي ڏسان ٿو تہ ماڻهن جو هڪ ننڍو ميڙ آهہ. سيئي پٽ تي ويٺا آهن ۽ هڪ سوال تي پيا هڪ ٻئي سان گفتگو ڪن. سو سوال ڪهڙو؟ سچو عشق ڇا آهي؟ سچو عشق آهي پيار: ۽ سچو عاشق ڪير؟ جو پريوءَ کي ئي پيار ڏئي ٿو ۽ نہ بندي کي. سچو عاشق سو، جو ڪيڏي بہ تڪليف متائنس اَچي، سڀ مشڪلات ۾، پريوءَ جي پيار کان پري نہ رهي.

مان بہ اُن ميڙ ۾ وڃي ويٺس. اُت هڪ ماڻهو ڏٺم جو مون سمجهيو تہ پريوءَ جو ڀڳت آهہ. جنهن مهل مان وڃي ميڙ ۾ ويٺس، اُن وقت مون ڏٺو تہ هي ماڻهو ڏاڍو ٿورو ٿو ڳالهائي. هنجي منهن ڏي مون نهاريو: سندس اکين مون کي ڇڪيو! ۽ جڏهن ڳالهايائين، تڏهن سندس اکين ۾ ڳوڙها پئي آيا. چيائين:- ’پريوءَ کي جو پيار ڪري ٿو، سو خدا جو دوست آهہ ۽ اُنجي هڪ نشاني هيءَ آهہ تہ هر حال ۾ خوش رهي ٿو. هوُ نہ فقط تڪليف ۾، مشڪلات ۾، ڪلمڪو رهيتو، پر سرير جي تڪليف ۾، پئسي جي تڪليف ۾ ۽ هرهڪ تڪليف ۾ هوُ پريوءَ جي پيار ۾ اَهڙ رتل رهي ٿو، جو ڪيس خبر ڪين پوي تہ رنج ٿيڻ ڇ آهي. اَهڙو پريوءَ جو پيارو جيڪي اَچي، اُن کي قبولي ٿو. تڪليف اَچي تہ بہ چوي:- ’منهنجي دوست وٽان آئي آهہ: هيءَ آهہ سوکڙي مون کي پنهنجي پياري وٽان!‘

وجي تي. صبح اُيري تو، تڏهن وهي تو. بندگيءَ کانپوءِ وهي تو. تڏهن هڪ متر کانئس پڇي تو:- ’سائين! توهين هيترو وقت بينا هئا! چا تيو؟‘

تڏهن درويش چوي تو:- ’پيارا! مونکي تہ وسري ويو تہ کو مان بيٺو هوس بندگيءَ ۾. مون سمجھيو تہ مان اَچي پهتو آهيان پريوءَ جي تخت وٽ. مون سمجھيو تہ اِن تخت جي نزديڪ مان اَچي بيٺو آهيان. تڏهن مون سوال ڪيو تخت کان:- ’تون سيا ڳو چو تہ ستگر سائين اَچيتو وهي توتي روز روز! تون ستگر کي پرم پيارو!‘

درويش چوي تو:- ’’اُن وقت مون اِئين سمجھيو تہ اِن تخت منجهان آواز آيو. اُن آواز چا چيو؟ ’پيارا! اَسان تہ ٻڌو آهي بيءَ طرح. اَسان تہ ٻڌو آهي تہ سچو ستگرو وهي تو دل نماڻيءَ ۾!‘ تنهنڪري پيارا! رکہ دل نماڻي!

نومبر ۳ حُضُور ۾

هڄان شال هردم، هڪ تنهنجي حُضُور ۾!
رهان روز روشن، تنهنجي نرمل نُور ۾!

ومبر ۴ دل جو ڏام

نانڪ نماڻا! تون ئِي منهنجي دل جو ڏام!
منهنجو جاپ تاپ پيارا! آهي اِڪ ستنام! ستنام!

نومبر

نومبر ۱ سنتن جِي ديا

سنت رامڪرشن پرم هنس، پريوءَ جو پيارو، سنت سچو، پنهنجي ڏام پڌاريو، تنهن کان ٿورا ڏينهن اڳ، خبر اَٿو تہ ڇا چيائين؟ سندس آسپاس شش وينا آهن: سمجهن پيا تہ ڪنهن وقت بہ سنت هليو وڃي. اُن وقت سنت رامڪرشن چوي ٿو: - 'هي منهنجِي ماتا! هي جنني! منهنجي پياس آهي تہ مان وري هن پرٿويءَ تي موٽي اَچان. ڀلي بہ ويس ۾، ماتا! اَچان! جي ضرور ٿئي تہ ڪتي جو جنم وٺي اَچان، دکين جي شيوا واسطي! ڀلي بہ وستر ۾ مونکي موڪلين، پر مونکي طاقت ڏج تہ مان دکين غريبن جي شيوا ڪريان، ڪندو رهان.'

نومبر ۲ دلِ نماڻِي

اِڪ درويش جي ڳالهہ مونکي ياد اَچيتي . اِن درويش بابت اِن ڳالهہ جو ذڪر ٿيل آهي تہ ڪئن رات جو وينو سمرن ڪري! اُتي بينو آهي. اُتي بيهي وينو سائينءَ جو سمرن ڪري! رات ساري جاڳي ٿو: وينو سائينءَ کي ياد ڪري، وينو سائينءَ جو نام اُچاري. رات ساري گذرِي

نومبر ۸ — آهيون ڪير؟

آهيون ڪير؟ پکيئڙا پرديس جا:
آياسين اَڄ يڳاٽا!
سِڄ لٿو! ڳُم ۾ ڳُم: سِپان اَسين ڪٿي؟
اَسين بہ روانا!

دم گذر هيءَ زندگِي! دم گذر هيءَ
حياتِي روزانِي:
سمجهون شل سيگهہ ۾، ونون شل رحم روحانِي!

نومبر ۹ — ديا درشٽي

روز روز پريوءَ در پرارٿنا ڪر تہ ’سائين! وڪارن ڪان مون کي پري رکہ: ۽ رکہ مونکي پنهنجي رحم ۾، لطف ۾!‘ روز روز پريوءَ کان ۽ پريوءَ جي پيارن کان ديا درشٽي گهر. ۽ هڪ رستو ديا درشٽي وٺڻ جو اَٿيئي هيءُ تہ وڃي ڪنهن ستپرکہ جي سنگہ ۾ ويهہ! ۽ ستپرکہ جي سنگہ ۾ ويهي اُن جي مکڙي ڏي نهار: هن جي ڪمل مکڙي مان هي ٿي ديا درشٽي، جا وٺي، نئين طاقت حاصل ڪري اپ تي جٹہ پاءِ!

نومبر ۱۰ — صوفي عاشق

صوفِي عاشق سِر ڏين، ڪن سچ جو سؤدو سي سردار:
نينهن نشانا نُورِي هٹن، هِت هُت تن صورت ديدار!

نومبر ۵ اَمي

پريوءَ کي پنهنجي ماتا کري سمجهه ۽ کيس پڪار، جيئن ٻالڪ پنهنجي اَميءَ کي پڪاري. پنهنجي دل جي اَندر پڪ رک تہ پريو منهنجي ماتا آهي ۽ مان پريوءَ جو پليل ٻالڪ: ۽ پڪار:- 'اَمي! سڻ منهنجي ڳوڙهن جي پڪار، اُڪير جي پڪار: سڻ تون ۽ اَچي مون کي جهلي ٻيهر پنهنجي ٻاجهه ٻانهن ۾!'

نومبر ٦ جاڳہ!

پيارا! هينئر جاڳہ: وڌيڪ ننڊ نہ ڪر. تون پيارا! ڪٿن رهيو آهين سنسار ۾؟ اَجا نڪا پروڙ تو پاتي آهہ، نڪا تلاش تو ڪئي آهہ، نڪو گرو تو ڪيو آهہ، نہ ڪنهن ڪامل مرشد جي چرنن ۾ ويهي تو سکيا ورتي آهہ. پيارا! تنهنجا سال گذري ويا آهن مايا جي پرپنچ ۾، سنسار جي وهنوار ۾. هينئر تہ پور اَچي تِي، پريات اَچي تي. ڏينهن سارو ويو گذري: هينئر اَچي تي پريات! اَنت ڪال اَچي تو. پر پيارا! اَجا تون سمجهين نٿو. اَجا تون ننڊ ۾، اَجا تون غفلت ۾!

نومبر ۷ اَندر ڪول

هري بول! هري بول!
آتم آهين، اَندر ڪول!

نومبر ۱۳ نيلي چمن ۾

آءِ يار مسافر! اَندر، اَندر، اِڪ اِڪ ديهي:
آيو ڏام اَلڪ مان آهي آهي، اِڪ پنڪي پيهي پيهي!
نيلي چمي ۾ نواس ڪري، ڪائي نيلا پشپ پيارا:
ڪائي ڪائي، ڳائي ڳائي اِڪ راڳ روحاني،
اَلڪ جي ڏارا!
ڇا پيو ڳائي؟ تي فنا: تي ڪجهه ڪين،
ڪجهه ڪين!
ره روز تي نماڻو، روز مسڪين، دين!

نومبر ۱۴ مرليءَ رُنو

مرليءَ رُنو محبت ۾، منجهس رس آيو! ء شيام آيو:
اَچي چاڙهيائينس چپن تي! روءُ تون ته تو وٽ به اَچي
تنهنجو راڻو!

نومبر ۱۵ مشڪل ڪُشا

جنم هڪڙو هي ته ناه!
هڪ هڪ جنم ۾ ڪنيو مون گناه!
گنهگار آهيان: گناهن جو بار
آهي آ! ته ياري: پر گرديو تنهنجو پيار
آهه مشڪل ڪُشا! تنهنجي اِڪ نهار
پردا ڪري سپ پري: ڏي ديدار!

اِڪ يار کي اُو ياد ڪن، وسارن هي ۽ هوُ جهان!
مڪان تن جو لامڪان، تن تي چمڪي پيو اَحسان!
ڦٽا ڪن سي ڌنڌا ڦندا، سڀ سنساري حساب ڪتاب:
محبوب ۾ ئي مست رهن، پي پي اوُ اِڪ شوق شراب!

نومبر ۱۱ شاهدي

اِڪ ماڻهو ناستڪ هو. اِيشور ڀڳت کي ملي تو ۽ چويس تو تہ 'هاڻي سرڪار اَسانجي هٿن ۾ آهي ۽ سڀ اَسانجي هٿ وس آهي. پريو تہ آهيئي ڪونہ. اَسين اَوهانجا اِسڪول ۽ مندر ڍهرائيندا سين: ڪوبہ اِيشور جو آستان نہ ڇڏينداسين.'

تڏهن اِيشور ڀڳت چوي تو ناستڪ کي:- 'توهين ڀلي اِسڪول ڍاهيو ۽ مندر ڍاهيو، پر آسمان ۾ جي تارا آهن، ۽ چنڊ آهي، سي تہ توهين ڍاهي ڪين سگهندا. اُهي چنڊ ۽ تارا ڏين ٿا شاهدي پريوءَ جي!' کهڙو نہ سندر جواب!

نومبر ۱۲ پروُز

آتم 'اَشچرج' آهہ. آتم جي پروز فقط تورن کي پوي ٿي، چو نہ تورا آهن جي قيمت ڏين ٿا. اُها قيمت آهي 'پاڻتي ضابطو' رکڻ ۽ 'نرموهي' ٿيڻ.

نومبر ١٨ — اُتم پرش

اُتم پرش سانت جو اِنسان آهي، جنهنکي نهارڻ سان تنهنجو چنچل مِن هردو ٿوروئي وقت سيتل ٿيندو ۽ تنهنجي اَندر شانتيءَ جي شڪتي کلندي.

نومبر ١٩ — بره بتِي

موهن! تنهنجي روُبروُ، کهڙِي پيث نوُري
مان آڻيان؟

اَتم ڪين! فقط پياس، فقط آس،
بره بتِي تِي ٻاريان!

نومبر ٢٠ — اَپياس ڪر

اَڪر نٿا سيکارين: اَڪر ڪن ٿا بکوادي. هڪ ٻِي شڪتي آهي جا سيکاري ٿي. اُها شڪتي لڪل آهہ فقيرن جي دل ۾! تنهنجي اَندر بہ آهہ، پر کلندي جڏهن اَپياس ڪندين!

نومبر ٢١ — ٽوپيءَ تي بتِي

اِڪ وڏو نقاش ٿي گذريو آهہ. عجيب تصويرون چٽيندو هو. پنهنجي ٽوپيءَ تي هڪ ننڍي بتي رکندو هو هن ويچار سان تہ اِن بتيءَ جي روشني اِن تصوير تي ڪِري ۽ سندس پاڇو اِن تصوير تي نہ پوي. تئن هڪ هڪ

تنهنجي اَکڙين ۾ آکيڙو اَڏيان:
هن جيون جي ويران ۾ اِڪ توکي سڏيان
هميشه، هميشه!

نومبر ١٦ — معافي

دل جي اَندر صدق رکي، پيار رکي اَچو، سڀ اَچو! ۽ پنهنجي زندگيءَ جون ڳالهيون وساريو! 'جيکي ٿيو'، شيام هڪ هڪ کي چوي ٿو:- 'سڀ توکي معاف! سڀن کي معاف! سڀن کي معاف!' شري ڪرشن چوي ٿو اَوهان کي:- 'سڀن کي معاف! سڀن کي معاف!' اَچو، اَچي نئون خزانو وٺو، شيام سندر جي چرنن ۾ سِر جهڪائي، شيام سندر جو خزانو، شيام سندر جي سکيا، گيتا جي سکيا اَچي وٺو ۽ پاٺکي شاهوڪار ڪريو! سچو ڌن، سچي دولت اَٿو شيام جي ڪمل چرنن ۾! سو خزانو شل وٺو! سو خزانو وٺي شل پاڻ کي پوتر ڪريو، پاڪ ڪريو!

نومبر ١٧ — پنل

سچي ستسنگيءَ جي اکين ۾ اَٿو ڳوڙها. وهندو پنهنجي لکل ڪنڌ ۾ تہ پيو ڳوڙها ڳاڙيندو. ڪوشش ڪندو تہ لڪايان، پر لڪائي سگهندو ڪين. سچي ستسنگيءَ جون اکيون پنل. نهاريندو پنل اکين سان، ڳالهائيندو پنل اکين سان. تنهنڪري پيارا! سچو ستسنگي ٿيءُ!

نومبر ٢٤ — نينهن نشاني

ڪهڙا حال پڇين تو پيارا! تنهنجي رحم بنا آهہ
سڀ ويراني:
ڏي چرنن ڏوڙ: تنهنجي ٻاجھہ بنا ڪهڙي ڪم
جي هيءَ زندگاني؟
ڳوڙها ڳاڙيان: پيئي پڪاريان، تو بن هت هُت،
پريتم! آهہ حيراني!
نهار! نهار! لڪائي نهار! ڇپائي پيئار اِڪ
تنهنجي نينهن نشاني!

نومبر ٢٥ — ٻالڪ

ملڪ گهمي آيو آهيان: درياهہ ڪناري بيٺس وچي:
بهي اُت پڪاريم:- 'اءِ مالڪ!
منگتو تنهنجي مهر جو: اڄ ڏينهن سڀوري ڏي
پيغام پنهنجو!' ڪل مالڪ چيو:- 'تيءُ ٻالڪ!
نئون ٻالڪ نينهن ۾، اکين ۾، اکرن ۾، روز جي
جيون ۾، مينهن مهر جو سين تي اوت!
۽ سانت ۾ ۽ گوڙ ۾، دم بہ‌دم، منهنجا ٻالڪ! اوت
هڪ هڪ تي جوت منڊل جي جوت!'
'تٿاستو،' مون چيو، 'توفيق ڏي تنهنجي نام
جي جوت پل پل جڳي منهنجي جيون ۾ تنهنجي
نرمل جوت پاڪ!

ڀڳت چاهي ٿو تہ سندس دل جي اَندر اِڪ روشنيءَ جي بتِي ٻري، جئن سندس پاڇو، آپو، سندس ڀڳتيءَ کي پرشٽ نہ ڪري!

نومبر ٢٢ ڪڏهن؟

دیا ڪر منا نانڪ! نهاري تولئہ نوُرِي نماڻِي:
دیا ڪر ڪا سچڻا سهڻا! آهي دل دردن ديوانِي!
روحانِي راڄ ڪڏهن اِيندو؟

نومبر ٢٣ صاف دل

دل صاف رک: تنهنڪري ڌڪار، ريس، ساڙ، ٻيائِي اَندر مان ڪپي ڪڍ! ٽن پرڪارن جي صفائي آهہ:- (١) سرير جِي صفائي، تنهنڪري سرير ۽ ڪپڙا ۽ ڪاڏو صاف رک. ڪاڏي جي صفائيءَ جي ڪيڏي نہ ضرورت آهہ. ماس کان پري رهہ. جانورن کي کهائي اُنهنجو گوشت پيٽ ۾ نہ وجهہ. سرير کي قبرستان نہ ڪر! پر ڏس تہ روز روز تنهنجو سرير روشنيءَ ۾ پيو چمڪي ۽ هڪ ڏينهن تي پوي جئن برهم مندر، (٢) اَندر جي صفائي رک: پاپ کان پري رهہ. (٣) دل کي صاف ڪر. پوءِ ڏس تہ ڪئن تنهنجي اَندر اَچي توشيام چمڪي! ياد رک تہ سچو گيان ملِي نٿو سگهي، جيستائين اَندر جي صفائي ڪانهي.

روز پڪارج، روز نهارج، سڏڙو تنهنجو سڻيندا:
نُوريِ حال وندبيندا، هوت اَچي توسان هڪ ٿيندا!

نومبر ۲۹ بار پاري

سهڻا! سُڻ تون حال فقير جو! ٻاجهه تنهنجي لئه پيو وَر وَر پنان. دل ويچاري آهه ويڳاڻي، ماندي، ماندي! اَچي رات، شياما! اکڙيون آب وهائن: اَچي ڏينهن، خون جگر ۾، منهنجا وياڪل نيڻ پيا تو لئه نهارن! ڏس! اکين ۾ اِنتظاري آهه: بره جو بار پاريِ آهه! ڪڏهن اِينديِن اڱڻ منهنجي تہ چاندوڪيءَ ۾ توکي پڪڙيان؛ پڪڙي تنهنجي چرنن جيِ چانئٺ چمان، چاندوڪيءَ ۾ تنهنجي پيرن جي ڌُوڙ لَڳن لڳايان، چاندوڪيءَ ۾ تنهنجي ڪمل نيڻن کي نهاريان، نهاريان ۽ گل چنبيليءَ جيان چمڪان؟

نومبر ۳۰ قربان

محبوب منهنجا! هيءَ جندجان،
شل ڪريان توتان ئيِ قربان!

۽ ڪر آسيس هيءَ هڪڙي نوُري: تيان شل تي
رهان تنهنَجي خادمن جيِ خاڪ!'

نومبر ٢٦ غفا

دل جي اَندر آهي اِڪ غفا. اِن غفا ۾ جو پيهيِ وجيِ تو آتمِ ڏسي، سو مانڪ ديهيءَ ۾ ئي مايا جي ٻَنڌِ ڪپي تو ۽ 'اَهم' کي 'فنا' ۾ وجهي ٿو. سو سياڻو آتم ئي آتم جو ديدار پائي ٿو، ديدار تي پوي ٿو!

نومبر ٢٧ جيون ڪهڙي؟

سو بدن ڪهڙو، جنهن ۾ اکيون ناهن؟ سا رات ڪهڙي، جنهن ۾ چنڊ ڪين چمڪي؟ سا بني ڪهڙي، جا مينهن بنا ويران؟ سو کوه ڪهڙو، جنهن ۾ صاف پاڻي ناه؟ سو گهر ڪهڙو، جت نہ ڏيئو نہ روشني چمڪي؟ ۽ سا جيون ڪهڙي، جنهن ۾ نام جي جوت ناه؟ جنهن ۾ خالق ۽ خلق لاءِ پيار ناه؟ سمجهہ ميري منا!

نومبر ٢٨ مانجهاندي جو ماڳہ

هيءُ جڳہ مانجهاندي جو ماڳہ، ننڊ نياڳي تون ڇوڙ:
پره ڦٽيءَ پريات جو، پريتم سين تون اور!
پرين پيارا تو ڪين ڇڏيندا، ڪين ڇڏيندا:
گولي تي تون گذار، توکي هينئين گڏ گڏيندا!

نهاريان ۽ پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريان!'

ڊسمبر ٣ قانون

يگيہ اَتيئي سچيءَ جيون جو قانون. پنهنجي هڪ هڪ ڪم ڪي، پنهنجي جيون کي يگيہ ڪر! تنهنڪري ڪم نہ ڪر پنهنجي واسطي، پر پنهنجو سڀ ڪرم اُن يگيہ چڪر کي، اُن پرم پرش کي اَرپڻ ڪر. ديوتائون اَتيئي اِن پرم پرش جا روپ. ڪرم ۽ سمگري، ڪرم ڪندڙ ۽ ڪرم وننددڙ، سڀ اَتيئي اِڪ 'پرم' جا روپ. ۽ اِهو 'پرم' اَتيئي 'يگيہ'. پاڻ کي تون 'يگيہ' ۾ اَرپڻ ڪر، 'يگيہ' ۾ سمايل رکہ.

ڊسمبر ۴ ڦليليءَ ڪناري

سنت گهمڻ پئي ويا ڦليليءَ جي ڪناري تي . ڦليليءَ ۾ هڪ ٻيڙي بيٺي هئي. سنتن کي وڃڻو هو هڪ ڳوٺ ۾ . سنت هڪ پٿر ڏسن ٿا. سنتن جي دل اُن پٿر تي ٺئي تي ۽ سنت چون ٿا:- 'هي پٿر تہ ڏاڍو سنو آهي.' هڪ شش اِهو پٿر کڻي ٿو. سنت ڪيڏو نہ پيار پٿرن کي ٻہ ڏين ٿا! اَسين ٻہ پٿر! ڪڏهن سنت اَسان کي ٻہ پيار ڏين تہ اَسين پيا شرمندا ٿيون! اِهو پٿر ٻہ سنتن سان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٿو ۽ پار پوي ٿو.

ڊسمبر

ڊسمبر ١ **بنياد**

روحانيِ زندگيءَ جو بنياد آهي سانت!

ڊسمبر ٢ **سورج مکي**

سورج مکي گل وانگر ٿيءُ. هن گل تي اِهو نالو ڇو پيو آهي؟ اِهو گل ڏينهن جي اَک آهي. اِنهيءَ گل جو مک آهي سج ڏانهن. تون باغ ۾ وڃي ڏسندين تہ اِهو گل شام تائين سج ڏانهن پيو نهاري. سج لهي تہ اِهو گل ڪومائجي وڃي.

تون بہ شل اِن گل وانگر ٿين. سج ڏانهن نهار! سڄڻ جو سج پريو! ننڊ مان اُٿين تہ پهرين پريوءَ جي يادگيري ڪر. ڏينهن جي ڪم ڪار ۾ پريوءَ کي ياد ڪر: ڪهڙيءَ طرح؟ وقت بہ وقت ڪنهن نہ ڪنهن سنت جي مورت ڏانهن نهار يا ڪنهن نہ ڪنهن ست پرک جي ٻاڻيءَ مان ڪو سوتر ڪڍي اُن جو ڌيان ڪر تہ تون بہ سورج مکي ٿي پوندين. روز روز هيءَ پرارٿنا ڪري سگهہ:- ’هي پريو! مون کي بہ سورج مکي گل ڪر تہ مان بہ روز روز توکي سامهون

ڊسمبر ۹ تلاش ۾

هڪ هڪ جيو تلاش ۾ آهي. هڪ هڪ جيو ڪي آهي پياس سُک واسطي! سُک ڪٿان ملي؟ اِها آهي پڪار جا هڪ هڪ جي دل اَندر آهي. اِن جو جواب سيني سنتن، ست پرکن هي ڏنو آهي:- ’اَندر وڃو!‘

تڏهن سوال اُٿي ٿو ته ’اَندر ڪٿان وڃجي؟ اِن راه ۾ هلڻ لاءِ ٽي قدم آهن:- (۱) پوترتا، (۲) نئڙت ۽ (۳) پاڻ فنا ڪرڻ.‘

ڊسمبر ۱۰ منهنجو بابا

هڪ وڏي ٽرين پئي ويئي: اُن جي هڪ گاڏي ۾ فقط هڪ ننڍڙي ڇوڪري ويٺي هئي. هڪ ماڻهو ڇوي ٿو ته مان به وڃي اُن گاڏي ۾ وينس ۽ مون هن ڇوڪريءَ سان ڳالهايو. مون ڇوڪريءَ کان پڇيو:- ’ڇوڪري! تون اَڪيلي ويٺي آهين: توکي ڊپ ڪين ڪين ٿو ٿئي؟‘ ڇوڪريءَ چيو ته ’ڊپ ڇاجو؟ هن ٽرين جو هلائيندڙ آهي منهنجو بابا.‘ ڇوڪريءَ جي پتا ڪي ٽرين ۾ نوڪري هئي. ڇوڪريءَ کي پڪ هئي ته هن ٽرين جو هلائيندڙ منهنجو بابا آهي: پوءِ ڊپ ڇا جو؟ تئن جيون زندگيءَ جي گاڏي به پيئي هلي. ڪيترا دفعا اَسين پاڻ کي اَڪيلو پيا سمجهون: پر اِن گاڏيءَ جو هلائيندڙ آهي اَسان جو بابا،- پرم پتا. پريو اَسان جي زندگيءَ جي گاڏي وينو هلائي: پوءِ ڊپ ڇا جو؟

ڊسمبر ۵ هڪ ڳالهه

هزارن جِي هڪ ڳالهه ڪئِي ڳرديو پياري:-
’هر هنڌ، هر وقت، هڪ حاضران حضور پيو نهاري!
ڇا آهه، ڇا آهه، پيارا! ڇا آهه، اُن جي نهار ۾؟
اکيان کول! ڏس جيون جي جوت اِڪ اِسرار ۾!‘

ڊسمبر ٦ ڪٿان آيو آهين؟

پيارا! تون ڪٿان آيو آهين؟ تنهنجو ڳهر ڪهڙو؟ تون آيو آهين نج گهر مان!

ڊسمبر ۷ پَکيءَ سمان

پنکيءَ سمان تہ آهي اِنسان!
اُڏامي وڃي تو پکي آسمان!
پر ڪولي ڪولي رشِي ڏيارام اُڏامي ويو،
مٿس رحم روحاني تہ روشن ٿيو!
منگي نوُرِي ٿِي چرنن روالا،
ڏيو ڪيس پينر! محبت جِي مالا!

ڊسمبر ۸ سانتيڪو پاٺ

سانتيڪي نموني پاٺ ڪرڻ سِکہ: تنهن ڪري پنهنجي جيون ۾ سانت آڻ. سانت واسطي پيار رکہ! سانتيڪو ٿي رهہ، ڇو تہ سانت ۾ اِسراري شڪتِي آهہ.

تو ۽ روئِي روئِي پريوءَ در پرارٿنا ڪري تو تہ ’پريو! منهنجي ڪلهن تي ملڪ جو ڪيڏو نہ بار آهي: تنهن ڪري مون کي وقت نہ مليو جو مان پنهنجي پٽ جي پوري سنڀال ڪريان: پريو! مون کي معاف ڪر، ۽ منهنجي پٽ کي تون چڱاءِ!‘

پرارٿنا ڪري ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪري تو: پٽس جو تپ گهٽ ٿئي تو. ٻئي ڏينهن تنهن کان بہ وڌيڪ گهٽ ٿئي تو، پوءِ جلدي چڱو ڀلو ٿئي تو! پريو آهي داتار. هوُ ئِي ڏئي تو! شل اَسان کي بہ ڏئي!

دسمبر ۱۵ آتما جي اَگني

آتما هڪ ’آڳ‘ آهي: آتما جي اَگني پرٿوي لوڪ ۾ اَچي ٿي ۽ اَچي ٿِي سرير اَندر نواس ڪري. ڪا ٿورو وقت، ڪا گهڻو وقت. پر هت اَچڻ وقت، اِڪ چڻگ اُت چڏي آئي آهي. ڪنهنجي ٿوري چڻگ، ڪنهنجي گهڻي چڻگ اُن سچ کنڊ ۾ آهي: تنهنڪري ڏسو وقت بہ وقت اَسان کي ڪٿن نہ اُن ديس جي يادگيري اَچيٿي، ۽ اَسان جون اَکيون اَچي آليون ٿين: اَسين چئون:- ’آه! اَسين سچ پچ نج ديس مان آيا آهيون. هي ديس تہ اَسانجو ڪونهي. آيا آهيون پري پري کان، يار مسافر! هتڙي هتڙي!‘

ڊسمبر ١١ پاڇو

جا سُونهن آهه سنسار ۾، جا سُونهن آهه اِنسان ۾، سا سڀ اَٿو پاڇو، منهنجي پريتم جو پاڇو. منهنجو محبوب نهاري تہ اَڇِي سُونهن چمڪي!

ڊسمبر ١٢ نيلو گل

ڪمل ٿِي هن نيلي گل جيان سنسار ۾:
ڪم ڪار ڪر، پر سمورو سمايل پنهنجي يار ۾!
جئن پاڻيءَ ۾ ڪنول آهہ، پر پاڻِي نہ اُن کي ٻوڙي:
دنيا ۾ رهِي رکہ ياد اِڪ کي، شيام جو دل ۾
ڌيان اوري!

ڊسمبر ١٣ اوم

ويدن ۽ تپسيا ۽ برهمڇريہ جو مقصد آهہ 'اوم!' ۽ 'اوم' آهہ آتم جِي نشانِي.

ڊسمبر ١٤ پرارٿنا جِي شڪتي

هڪ مشهور ماڻهوءَ جي جيون مون ويني پڙهي. اُن جو نالو هو اِبراهيم لنڪن. هڪ دفعي سندس پٽ اَچي بيمار ٿئي ٿو. ڊاڪٽر اَچن ٿا ۽ دوائون ڏين ٿا. پر اِبراهيم جو پٽ وڃِي وڌيڪ بيمار پوندو. لنڪن جو پريوءَ ۾ عجيب صدق هو، اَٽل وشواس! لنڪن هڪ ڪوٺيءَ ۾ اَندر وڃي

گيان، وڏو گيان، پرم گيان ڇا آهه؟'

مون چيو:- 'پيارا! مون لئه سڀ ۾ وڏو گيان هي آهه ته مان پروڙيان ته مان ڄاڻان ڪجهه ڪين؛ ۽ اِها پروڙ پائي، نماڻو ٿي رهان. پرم گيان مون لئه آهه نمرتا.'

ڊسمبر ٢١ ڪرشن ڪرپا

ڪرشن ڪرپا هِي ڪيولم!

ڊسمبر ٢٢ وشواس جو قانون

هڪ قانون آهي وشواس جو قانون (the law of faith). اِهو صدق آهي آتما جي شڪتيِ! صدق اِڪ وڏي شڪتي آهي! اِها شڪتي ڪول! سنتن ۾ صدق رکه ۽ سنتن جي اکرن ۾ صدق رکه! پوءِ اُٿي پنهنجو روزانو ڪم ڪار ڪر! ڏسندين ته تنهنجي ڪم ڪار ۾ ۽ تنهنجي جيون ۾ اَچي جانب جي جوت جاڳندي!

ڊسمبر ٢٣ درد دل ۾

هڪ ڏينهن سويل پريات جو پنهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ وينو آهيان: وينو ويچار ڪريان: سانت ۾ پيو پاڻ کان پڇان:- 'هيءَ جيون ڇا آهي؟'

جئن پيو پڇان، تئن غم درد دل جو وڃي وڌندو. اُن وقت ڪئن نه اَچي ٿي مونکي يادگيري هڪ پياري فقير

ڊسمبر ١٦ پنڊار

هي پريو! مون کي تون سيکار
تہ تو وانگر ٿيان مان بہ شيوا جو پنڊار:
پاڻ کي پريو! سمورو وساريان:
اِڪ تنهنجو پيار نُوري، پاڻ کي پيئاريان!

ڊسمبر ١٧ چڏ هنگامو هُل

پيارا! پيارا! سانت سِکہ، چڏ هي هنگامو هُل!
تہ ٿين اِڪ چمڪندڙ، مشڪندڙ، گلابي گل!
گوبند جو گل!

ڊسمبر ١٨ سلطان صورت جو

تون سچڻ سچ سُونهار: مان اِڪ ڪِرڙو آهيان:
تون ساگر، سونهن سينگار! مان اِڪ ڦڙو آهيان!
تون جوت نياري، مان تنهنجي ديا جو اِڪ ڏيئو،
تون صورت جو سلطان، مان ڏسان پائي اِڪ ليَئو!

ڊسمبر ١٩ قرباني

سچي پيار جي نشاني آهہ قرباني!

ڊسمبر ٢٠ پرم گيان

هڪ دفعي مون کان سوال پڇائون تہ ’سڀ ۾ سچو

اِيشا کي ور ور نهاري مون چيو: - ’محبوب منهنجا!‘
اِيشا چيو: - ’منهنجا ٻالڪ! پنهنجي چنچل من کي سانت ۾ آڻ ۽ پنهنجي دل کول تہ اُنتي ڳايان، جئن راڳيندڙ ستار جي تند تار کولي، پوءِ ڳائي!‘

ڊسمبر ٢٦ دل جي پکن مان

اَءِ منا! اَءِ محبوب! منهنجي ڳلي جا هار!
هن دل جي پکن مان، نهار! وري وري نهار!

ڊسمبر ٢٧ هنسا حب وارا

اَءِ هنسا حب وارا! پري ڪين آهين:
هن مايا سرووَر، پيئا شال پائين!
بي بقا باغ چمڪي، عجيبن جو اِسرار:
زنجيرن ۾ آهين، پر رکہ شيام لئہ پيار!

ڊسمبر ٢٨ صورت ساڳِي

تون مان صورت ساڳِي، ساڳِي!
پوءِ ڇو پيو پيد ٻڌيءَ ۾ پٽڪين؟
نرمل راه کان دُور رهين تون،
مايا جار ۾ ڇو پيو اَٽڪين؟
لمپٽ نفس ۾ ڇو پيو لٽڪين،
اُت جاڳہ نُورِي آزاد تون ٿِي!

جي. پڇيومانس:- ’اَءِ فقير سائين! پريوءَ کي ڪهڙي پيتا ڪپي؟‘

فقير مون کي چيو:- ’پيارا! اِڪ ڏينهن اِهو سوال مون پنهنجو سائينءَ کان پڇيو:- ’سائين! توکي ڇا ڏيان؟ تنهنجي قدمن ۾ ڪهڙي پيتا رکان؟‘ ۽ منهنجو سائين، جو سدا رحمان آهي، جنهنجو فضل ڏينهن رات پيو سج چنڊ، تارن ۾ چمڪي، پيو پرتويءَ تي مشڪي: مون کي چيو هن طرح:- ’اَءِ سالڪ سچا! مونکي پيتا هڪ ڪپيئي.‘

فقير مونکي چيو:- ’مون سائينءَ کان سوال پڇيو:- ’ڪهڙي پيتا؟‘ سائينءَ رحمان مونکي چيو:- ’درد دل جو!‘

ڊسمبر ٢٤ وڇڻ جو وار

پڪي آهين، پَرَ ڪولين تو:
ڪولي تورو، اُڏامين تو!
وڇڻ جو وار وڃائين تو:

رکہ ياد هيءَ بات روحاني،
اَتيئي جڳہ هي فنا فاني!

ڊسمبر ٢٥ چمن ۾

چمن ۾ هوس: چمن پئي چمڪيو!
پوءِ ننڊ اَچي ويم. ننڊ ۾ سپنو آيم. سپني ۾ ڏٺم: ڪير؟ اِيشا!

ڊسمبر ٢٩ فقيرن جي نيڻن ۾

فقيرن جي نيڻن ۾ محبوب!
تنهنجِي مُورت مون لڌِي:
مسڪينن ۽ عاشقن جي دل درد ۾،
تنهنجِي مرلِي مون ٻڌِي!

ڊسمبر ٣٠ لامڪان

مٿي پيو چمڪِي، چمڪي، نيلو آسمان!
۽ منهنجي دل اَندر بہ پيو چمڪي نيِلو اَحسان!
اِڪ ڪنول گل جي روُپ ۾:
اُن ۾ مشڪي شيام سونهارو جوت اَنوپ ۾!
ڪرشن پيارو، ڪنئيو ڪان،
جو ڪُل مالڪ، پر آهہ لامڪان!

ڊسمبر ٣١ پياس

پيارا! توکي پياس آهِي ڇا پريتم سان ملڻ واسطي؟ تہ دل ۾ نمرتا رکي تون اَچي ويهہ ست سنگہ ۾، سنتن جي ڪمل چرنن ۾!

سنت مالا

١٣٨٩ - ١٣٩٢

آڪٽوبر- نومبر- ڊسمبر ١٩٩٧

پرڀات جي پردي ۾

١٥ رپيا

واسواڻي

[redacted] **December 1997** Regd. No. PNC/E-20